جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL_

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاهه

جلد 17 | اڱارو 03 نومبر 2026ع بمطابق 22 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 23

ڪي پي ۾ دهشتگرديءَ جي سهولتڪارن مان هڪ نااهل ۽ لاتعلق حڪومت به هئي: پاڪ فوج ترجمان

صوبي ۾ دهشتگرديءَ خلاف ڪارروائين ۾ رنڊڪون وجهندڙ هڪ سهولتڪار هاڻي اتي موجود ناهي دهشتگرديءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ واضح حڪمت عملي موجود آهي

جنهن جو هڪ اهم حصو پاڪستان اندر دهشتگردن ۽ انهن جي سمورن سهولتڪارن جو خاتمو آهي دهشتگرديءَ جا ڪجهه اهڙا مسئلا به آهن، جن کي ملڪ اندر ئي حل ڪرڻو پوندو

خيبرپختونخوا ۾ ڪو به ماڻهو دهشتگرديءَ خلاف آپريشنن جي مخالفت نٿو ڪري، آپريشنن جي مخالفت ڪندڙن جا دهشتگردن سان لاڳاپا آهن. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري

خيبرپختونخوا ۾ ڪنهن وڏي فوجي آپريشن بدران انٽيليجنس بنيادن تي ڪارروائيون ڪيون پيون وڃن، سيڪيورٽي فورسز روزانو لڳ ڀڳ 200 انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪن ٿيون

جن ۾ پوليس، فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ٻيا ادارا گڏجي حصو وٺن ٿا پاڪستان جي سوچ پارٽ جهڙي ناهي، جو هر اندروني مسئلي کي ٻاهرين مسئلو قرار ڏنو وڃي

پاڪستان ۾ ٿيندڙ سموري دهشتگرديءَ جو ذميوار رڳو افغانستان کي نٿو قرار ڏئي سگهجي، ها پر افغانستان اهو بنيادي مرڪز آهي، جتان پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ جون ڪارروائيون ڪيون وڃن ٿيون

اسلام آباد (بيورو) ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته دهشتگرديءَ جي سهولتڪارن مان هڪ خيبرپختونخوا جي نااهل ۽ لاتعلق حڪومت به هئي، جڏهن ته صوبي ۾ دهشتگرديءَ خلاف ڪارروائين ۾ رنڊڪون وجهندڙ هڪ سهولتڪار هاڻي اتي موجود ناهي. برطانوي خبررساني اداري رائٽرز کي 30 آڪٽوبر 2026ع تي ڏنل انٽرويو ۾ ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته دهش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

سنڌ ۾ عالمي بئنڪ جي 3 ڏهائي 85 ارب ڊالرن جي ترقياتي رٿائن جو جائزو، وڏي وزير جو ڪم تيز ۽ رنڊڪون ختم ڪرڻ جو حڪم

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ورلڊ بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر بولورما امگابازار وچ ۾ وزيراعليٰ هائوس ۾ اهم اجلاس ٿيو

جنهن ۾ سنڌ ۾ ورلڊ بئنڪ جي سهڪار سان هلندڙ 3 ارب 85 ڪروڙ ڊالرن جي ترقياتي منصوبن تي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

اجلاس ۾ صوبائي وزيرن ناصر شاهه، جام خان شورو، محمد بخش مهر، سعيد غني، سردار علي شاهه، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي

ورلڊ بئنڪ جي وفد ۾ صحت، پاڻي، ٽرانسپورٽ، شهري ترقي، آفتن کي منهن ڏيڻ ۽ خريداريءَ جي شعبن جا ماهر به شامل هئا

سنڌ ۾ عالمي بئنڪ جي 3.85 ارب ڊالرن جي پورٽ فوليو ۾ 12 منصوبا شامل آهن، جن مان 11 سيڙپڪاريءَ جا منصوبا ۽ هڪ نتيجن سان لاڳاپيل پروگرام آهي

منصوبن لاءِ 2 ارب 33 ڪروڙ 40 لک ڊالر جاري ٿي چڪا آهن، هڪ ارب 57 ڪروڙ 10 لک ڊالر استعمال لاءِ موجود آهن منصوبن لاءِ 3.7 ارب ڊالرن جون خريداري سرگرميون رٿابنديءَ جو حصو آهن

ڪراچي (رپورٽر) وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ورلڊ بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر بولورما امگابازار وچ ۾ وزيراعليٰ هائوس ۾ اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ سنڌ ۾ ورلڊ بئنڪ جي سهڪار سان هلندڙ 3 ارب 85 ڪروڙ ڊالرن جي ترقياتي منصوبن تي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ صوبائي وزيرن ناصر شاهه، جام خان شورو، محمد بخش مهر، سعيد غني، سردار علي شاهه، چيف /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1


ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه سان عالمي بينڪ جو وفد ملاقات ڪندي

ملڪ ۾ آڪٽوبر 2026 دوران مهانگائي جي شرح ۾ مهيني جي بنياد تي 1.08 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي

آڪٽوبر 2025 جي مقابلي ۾ آڪٽوبر 2026 ۾ مهانگائي جي شرح 9.61 سيڪڙو وڌيڪ رهي

هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽئن مهينن دوران سراسري مهانگائي جي شرح 10.05 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي

ٻهراڙي وارن علائقن ۾ 1.49 سيڪڙو وڌي، آڪٽوبر ۾ کاڌي پيتي جي شين جي قيمتن ۾ مهيني جي بنياد تي 2.26 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو) ملڪ ۾ آڪٽوبر 2026 دوران مهانگائي جي شرح ۾ مهيني جي بنياد تي 1.08 /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

موسمياتي تبديلي جي اثرن جو سڀ کان وڌيڪ بار غريب طبقا برداشت ڪري رهيا آهن: ڊاڪٽر مصدق ملڪ

ترقي کي رڳو معاشي انگن اکرن بدران انساني حقن، موسمياتي انصاف ۽ ايندڙ نسلن جي تحفظ جي تناظر ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي

موسمياتي آفتن کان نقصانن جي اڳواٽ روڪٿام، محفوظ انفراسٽرڪچر جي تعمير ۽ مقامي سطح تي ايجادي ۽ معاشي موقعا پيدا ڪرڻ لازمي آهي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو آهي ته موسمياتي تبديلي جي اثرن جو سڀ کا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

ڪراچي: صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر اجلاس جي صدارت ڪندي

قبائلي ضلعن کي گهڻي وقت کان تجربيگاهه بڻايو ويو آهي: مولانا فضل الرحمان

هاڻ انضمام ختم ڪرڻ جون تجويزون سامهون اچي رهيون آهن

پشاور (م د) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته قبائلي ضلعن کي گهڻي وقت کان تجربيگاهه بڻايو ويو آهي./ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

راولپنڊي: فيلڊ مارشل عاصم منير سان چيني ڪمپني جو اڳواڻ ملاقات ڪندي

حڪومت پارلياماني ڪميٽي لاءِ پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم ڪان نالا گهري ورتا

اسلام آباد (بيورو)چونڊ سڌارن جي پارلياماني ڪميٽي جوڙڻ واري معاملي تي حڪومت پارليام/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

اخونزاده حسين يوسفزئي پي ٽي آءِ قيادت کان بئريسٽر سيف کي شوڪاز ۽ شٽ اپ ڪال ڏيڻ جو مطالبو ڪري

اسلام آباد (بيورو) اپوزيشن اتحاد تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي ترجمان اخونزاده حسين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

صدر سمورن ضلعن ۾ ترقياتي رٿائن جو جائزو وٺي پيو: شرجيل ميمڻ

صدر مملڪت روڊ رستي دوري دوران مختلف ترقياتي منصوبن جو پاڻ معائنو ڪري رهيو آهي

روڊن، آبپاشي، صحت ۽ تعليم جا منصوبا صدر آصف علي زرداري جي خاص ڌيان جو مرڪز آهن

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

مولانا فضل الرحمان کي نوٽيس ڏيڻ حڪومتي هلڪي پڻ جو ثبوت آهي: عبدالغفور حيدري

اسلام آباد (بيورو) جمعيت علماءِ اسلام جي سيڪريٽري جنرل عبدالغفور حيدري چيو آهي ته مولانا ف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

پارٽي ۾ ڪنهن به قسم جي گروپ بندي يا ورهاست ناهي: سياسي ڪميٽي

پارٽي اڳواڻ ۽ ڪارڪن گڏيل مقصدن لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندا

اجلاس ۾ پي ٽي آءِ سياسي ڪميٽي ملڪ جي سياسي صورتحال، مهانگائي ۽ امن امان تي غور ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سياسي ڪميٽي جي اجلاس جي اعلاميي ۾ چيو ويو آهي ته پارٽي ۾ ڪنهن به قسم جي گروپ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

ٽڪ ٽاڪر پٽلو روپوش آهي ۽ پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪري قانون کي بي اثر بڻائي رهيو آهي: خواجا آصف

ڊسڪ ۾ ٿيندڙ واقعي جي جيتري مذمت ڪئي وڃي گهٽ آهي، هڪ ٽڪ ٽاڪر جنهن کي پٽلو جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو

پنهنجي شادي جي تقريب تي قيمتي انعامن جو اعلان ڪري جنهن ۾ ڳري ڪيش به شامل آهي پبلڪ کي گڏ ڪري ورتو

اسلام آباد (بيورو) وزير دفاع خواجا آصف چيو آهي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان عبدالقادر پٽيل ملاقات ڪندي

پاڪستان ۾ پهريون پيرو ڪلر گريڊنگ جي جديد تربيت فراهم ڪئي ويندي: عطا الله تارڙ

وفاقي وزير سڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا الله تارڙ پي ٽي وي اڪيڊمي کي جديد گهرجن سان هم آهنگ تربيتي مرڪز بڻائڻ ۽ نوجوانن کي فلم، ڊرامي ۽ ڊجيٽل مواد جي تياري ۾ پيشورانه مهارتون فراهم ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جي هدايت

پاڪستان ۾ پهريون پيرو ڪلر گريڊنگ جي جديد تربيت فراهم ڪئي ويندي جنهن سان فلم انڊسٽري ۽ نجي شعبو به فائدو وٺي سگهندو، پي ٽي وي اڪيڊمي کي جديد تقاضائن موجب هڪ موثر ۽ مالي طور تي پائيدار تربيتي ادارو بڻايو ويندو

اجلاس ۾ پي ٽي وي ڊراما اينڊ فلم اڪيڊمي جي بحالي، پي ٽي وي هوم جي ري ويمپنگ لاءِ تربيتي پروگرامن، جديد ٽيڪنيڪي سهولتن ۽ عملي تربيت تي ٻڌل مختلف ماڊلز جو جائزو ورتو ويو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير سڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا الله تارڙ پي ٽي وي اڪيڊمي کي جديد گهرجن سان هم آهنگ تربيتي مرڪز بڻائڻ ۽ نوجوانن کي فلم، ڊرامي ۽ ڊجيٽل مواد جي تياري ۾ پيشورانه مهارتون فراهم ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته پاڪستان ۾ پهريون پيرو ڪلر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

قانون ۽ عمارتون ڏوڪو آهن، جيڪڏهن هڪ قيديءَ تائين به رسائي نٿي ملي ته پوءِ انهن جو ڪهڙو فائدو؟: سلمان اڪرم راجا

عليمه خان جو غريب ڊرائيور ڪنهن به ڏوهه ڪانسواءِ جيل ۾ قيد آهي، اڄ هو هڪ ڀيرو ٻيهر عدالت مان انصاف وٺڻ آيا آهن

اهي عمارتون ۽ قانون هڪ ڏوڪو آهن، جيڪڏهن اهي سڀ گڏجي به هڪ قيديءَ تائين رسائي نٿا ڏياري سگهن ته پوءِ انهن جو ڪهڙو فائدو آهي؟

عدالتن ۾ ان مقصد سان اچن ٿا ته قوم کي مسلسل آگاهه ڪندا رهن، 26هين آئيني ترميم ڪانپوءِ سموريون آزاديون ختم ٿي چڪيون آهن

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪِ انصاف جي سيڪريٽري جنرل سلمان اڪرم راجا چيو آهي ته پي ٽي آءِ جو سوشل ميڊيا ملڪ کان ٻاهر آهي، جنهن سان سنڌن نه ڪو رابطو آهي ۽ نه ئي ان تي ڪو ڪنٽرول آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ ميڊيا سان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

آئيني عدالت سپريم ڪورٽ جي فيصلن مان رهنمائي وٺي سگهي: وفاقي آئيني عدالت

سپريم ڪورٽ جي قانوني نظير جيڪڏهن قانون ۽ آئين سان هم آهنگ هجي ته ايف سي سي ان کي اختيار ڪري سگهي ٿي

ريويو رڳو رڪارڊ تي ظاهر ٿيندڙ غلطي يا اهڙي ڪوتاهي تائين محدود آهي جنهن سان انصاف جو قتل عام ٿئي

ريويو درخواست ڪيس تي ٻيهر بحث جو موقعو ناهي، عدالت ريويو ۾ ڪيس جي ٻيهر ٻڌڻي نٿي ڪري پر رڪارڊ تي ظاهر ٿيندڙ غلطي ڏسي ٿي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي آئيني عدالت اهم فيصلو جاري ڪندي قرار ڏنو آهي ته آئيني عدالت سپريم ڪورٽ جي فيصلن مان رهنمائي وٺي سگهي ٿي، آئيني عدالت سپريم ڪورٽ جي فيصلن جي پابند ناهي تفصيل موجب وفاقي آئيني عدالت جي فيصلي ۾ قرار ڏنو ويو ته سپريم ڪورٽ جي فيصلن جي فيڊرل آئيني عدالت لاءِ رڳو قائل ڪندڙ حيثيت آهي. سپريم ڪورٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ميئر ڪراچي طرفان 140 روڊن جي بحاليءَ جو ڪم ٽن ڏينهن اندر شروع ڪرڻ جو اعلان

بلدياتي نظام ۾ ڪا به خرابي ناهي ۽ نه ئي اختيارن جو ڪو مسئلو آهي، اصل ضرورت ڪم ڪرڻ جي دلچسپي ۽ عملي قدمن جي آهي

اسان پهل ڪئي ۽ ڪم ڪري ڏيکاريو آهي، هاڻي شهر جي هر ٽائون ۾ ترقياتي ڪم جاري آهن

ڪراچي جي 25 ٽائونز ۾ مختلف سياسي جماعتن جا نمائندا موجود آهن، جن ۾ پيپلز پارٽي، جماعت اسلامي ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف شامل آهن

جماعت اسلامي جا 9 ۽ پي ٽي آءِ جا 3 ٽائونز آهن، شهر جي ست ئي ضلعن ۾ ترقياتي ڪم ٿيندي نظر اچي رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته شهر ۾ پهريون ڀيرو ڪچري جي منتقلي لاءِ جديد ميڪينيڪل نظام متعارف ڪرايو پيو وڃي، جنهن سان ڪچرو منتقل ڪرڻ واري عمل کي جديد خطن تي استوار ڪرڻ ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضي وهاب پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ ۾ ڪمند جو اگهه مقرر ڪرڻ ۽ شگر ملون وقت سر هلائڻ بابت شگر ڪين بورڊ جو پهريون اجلاس

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ ڪمند جو اگهه مقرر ڪرڻ ۽ شگر ملون وقت سر هلائڻ بابت شگر ڪين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

سنڌ ۾ اسڪولي ٻار ڪٽي ويندڙ گاڏين ۾ ايل پي جي سلينڊر لڳائڻ ۽ گاڏين جي گنجائش کان وڌيڪ ٻار ويهارڻ تي پابندي لاڳو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ اسڪولي ٻار ڪٽي ويندڙ گاڏين ۾ ايل پي جي سلينڊر لڳائڻ ۽ گاڏين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ 19 صنعتي ادارن پاران داخل درخواست نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي جي رپورٽ جي روشني ۾ اڪلائي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سائيٽ انڊسٽريل ايريا ۾ اڻ اعلائيل ۽ ڊگهي لوڊشي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي طرفان جيئي سنڌ قومي محاذ طرفان ضلعي اوير جي مختلف علائقن جا دورا ڪيا ويا

ڪامريڊ شبير راڄپر، حنان عباسي ۽ ٻين اڳواڻن جمالي پل، سچل ڳوٺ، عبدالله شاهه غازي ۽ ٻين علائقن جا دورا ڪيا

سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڪنهن به سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو

ڪراچي(رپورٽر) جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي طرفان 22 نومبر تي اعلائيل وحدتِ سنڌ مارچ جي جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ڪنهن شهري جو ڊيٽا رڪارڊ ۾ موجود هجڻ باوجود ڪن حالتن ۾ ڪيس شڪي ڪيٽيگري ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو: نادرا

ان جا بنيادي سببن ۾ سڃاڻپ رڪارڊ ۾ تضاد، غير مستقل معلومات ۽ خانداني رڪارڊ ۾ اهڙا تفصيل شامل ٿي سگهن ٿا

ڪن ڪيسز ۾ رڪارڊ جو جائزو وٺڻ دوران اهڙيون معلوماتون سامهون اچن ٿيون جن سان شهري جي سڃاڻپ رڪارڊ جي درستگي تي سوال پيدا ٿي سگهي ٿو

ڪن معاملن ۾ رڪارڊ ۾ غير مستقل يا متضاد معلوماتون ملن ٿيون، جنهن سان شڪ پيدا ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن فرد پنهنجو رڪارڊ صحيح نموني حاصل نه ڪيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) نيشنل ڊيٽابيس اينڊ رجسٽريشن اٿارٽي (نادرا) وضاحت ڪئي آهي ته ڪنهن شهري جو ڊيٽا رڪارڊ ۾ موجود هجڻ باوجود ڪن حالتن ۾ ڪيس مشڪوڪ ڪيٽيگري ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو ان جا بنيادي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

ڪراچي: ضلع جنوبي ۾ پوليو مهم جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

پرڏيهي قرضن ۾ واڌ، سنڌ ٻين صوبن کان اڳتي نڪري ويو

جون 2024ع کان جون 2026ع تائين سنڌ جي پرڏيهي قرضن ۾ هڪ ارب 83 ڪروڙ 90 لک ڊالرن جو اضافو ٿيو

جنهن ڪانپوءِ صوبي جو پرڏيهي قرض 3 ارب 77 ڪروڙ 70 لک ڊالرن مان وڌي 5 ارب 61 ڪروڙ 60 لک ڊالر تي ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي پرڏيهي قرضن ۾ ٻن سالن دوران ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. وفاقي ناڻي واري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

پي ٽي آءِ چيئرمين اسٽيبلشمينٽ سان سڌيءَ ريت رابطي بابت بئريسٽر سيف جي دعوائن تي خاموشي ٽوڙي ڇڏي

پي ٽي آءِ باني عمران خان سان ملاقات لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي، پر اجازت نه ڏني وئي

بي بنياد آهي ته ملاقات جي آڇ باوجود هنن پي ٽي آءِ بانيءَ سان ملاقات نه ڪئي

پشاور (م د) پاڪستان تحريڪِ انصاف جي چيئرمين بئريسٽر گوهر، بئريسٽر سيف جي دعوائن کي رد ڪندي چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني عمرا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

عدالت جي آءِ ٽي جي سربراهه ڊي آءِ جي عرفان بلوچ کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو

جي آءِ ٽي جي سربراهه ڊي آءِ جي عرفان بلوچ کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو ۽ ان کان وضاحت طلب ڪري ورتي

عدالت جي آءِ ٽي سربراهه کي ايندڙ ٻڌڻي تائين جاچ آفيسر بابت وضاحت پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو

ڪراچي(رپورٽر)جيوڊيشل مئجسٽريٽ اوڀر جي عدالت ميررضا ڪيس ۾ گڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) جي نمائندي جي غير حاضري تي ڪاوڙ جو اُ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

منشيات روڪٿام عدالت بلديه يوسف ڳوٺ مان گرفتار

جوابدار جي قبضي مان آئيس هٿ اچڻ جي ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي شير علي کي ست سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

ڪيس ۾ اشتهاري جوابدار عباس جا دائمي وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا

ڪراچي(رپورٽر)منشيات روڪٿام عدالت بلديه يوسف ڳوٺ مان گرفتار جوابدار جي قبضي مان آئيس برآمدگي جي ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

گوادر ۾ فتنہ الهندستان جي دهشتگرد شڪيل احمد جي پيءُ ۽ والد پريس ڪانفرنس ۾ شرمساري جو اظهار

سندس پيءُ شڪيل احمد 5 سال اڳ فتنہ الهندستان نالي ڪالعدم تنظيم جي دولاب ۾ اچي گهر ڇڏي ويو

هڪ ڀيرو ڪوشش ڪري ڪيس سرينڊر به ڪرايو ويو، پر هو ٻيهر تنظيم ۾ هليو ويو

گوادر (رپورٽر) گوادر ۾ سيڪيورٽي فورسز هٿان قتل ٿيندڙ فتنہ الهندستان جي دهشتگرد شڪيل احمد جي پيءُ ۽ والد پريس ڪانفرنس ۾ شرمسا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني تقريب کي خطاب ڪندي

نئين فارمولي تحت پيٽرول جي قيمت ۾ 15 رپيا في ليٽر تائين لاٿ ٿي سگهي ٿي: وفاقي وزير

عوام کي رليف ڏيڻ وزيراعظم جي ترجيح آهي، آئل ريفائنريز سان سياڻي ٿيندڙ اجلاس ۾ سمورن معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي

آئل ريفائنريز جي سهڪار سان عوام کي پيٽرول 15 رپيا في ليٽر سستو فراهم ڪرڻ جي قابل ٿي سگهنداسين

پيٽرول جي قيمت مقرر ڪرڻ وارو فارمولو تبديل واضح رهي ته وفاقي حڪومت پيٽرول جي قيمت مقرر ڪرڻ جو فارمولو تبديل ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد (بيورو) پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ چيو آهي ته نئين فارمولي تحت پيٽرول جي قيمت ۾ 15 رپيا في ليٽر تائين لاٿ ٿي سگهي ٿي. اسلام آباد ۾ سڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا تارڙ سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

سمورين ڪوشش باوجود اسان کي هڪ به ملاقات جي اجازت نه ڏني وئي ڳالهين لاءِ خان تائين رسائي شرطن مان هڪ هئي: بيرسٽر گوهر

بي بنياد آهي ته آفر باوجود باني پي ٽي آءِ سان ملاقات نه ڪئي، انٽرويو دوران بيرسٽر سيف جي سمورين دعوائن کي به رد ڪريان ٿو

باني پي ٽي آءِ سان ملاقات لاءِ عدالت ۽ ڳالهين جي هر طريقي سان ڪوشش ڪئي، سمورين ڪوشش باوجود اسان کي هڪ به ملاقات جي اجازت نه ڏني وئي

راجا ناصر عباس اسٽيبلشمينٽ جي اهم ماڻهن سان سڌي رابطي ۾ آهن پر اهي رابطا عمران خان جي آزادي لاءِ ناهن

پشاور(م د) چيئرمين پي ٽي آءِ بيرسٽر گوهر بيرسٽر سيف جي دعوائن کي رد ڪندي چيو آهي ته سمورين ڪوشش باوجود اسان کي هڪ به ملاقات جي اجازت نه ڏني وئي جڏهن ته ڳالهين لاءِ خان تائين رسائي شرطن مان هڪ هئي ميڊيا سا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

سنڌ ست ڪروڙ عوام جو صوبو آهي ۽ ان جو هر شهري محافظ آهي: ڊاڪٽر قادر مگسي

سنڌ ست ڪروڙ عوام جو صوبو آهي ۽ ان جو هر شهري محافظ آهي سنڌ جا عوام صوبي جي بقا لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن

سنڌ پاڪستان جي شهرڳ آهي ۽ صوبي جي ورهاڱي جو خواب ڏسندڙ بيوقوفن جي جنت ۾ رهن ٿا

اسلام آباد اڄ ان ڪري روشن آهي جو سنڌ پاڪستان سان گڏ بيٺي آهي حڪمرانن کي تاريخ مان سبق سکڻ گهرجي

فيصل آباد ۽ گجرات جا ڪارخانا ان ڪري هلي رهيا آهن جو ڪراچي جي بندرگاهه ۽ پورٽ قاسم دنيا مان مشينري جي ترسيل ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ته سنڌ ست ڪروڙ عوام جو صوبو آهي ۽ ان جو هر شهري محافظ آهي سنڌ جا عوام صوبي جي بقا لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن سنڌ پاڪستا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: علي هائوس ۾ صوبائي وزير ناصر شاهه شهرين جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

گلبرگ ۾ هوائي فائرنگ سان نون سالن جي ٻار مهتاب جي قتل جي ڪيس ۾ ٻن جوابدارن کي بري ڪري ڇڏيو

ڪراچي(رپورٽر)ايڊيشنل سيشن عدالت سينٽرل گلبرگ ۾ هوائي فائرنگ سان نون سالن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

پي ٽي آءِ سان ڳالهين جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، پي ٽي آءِ جون 4 فرنچائز آهن: فيصل ڪريم ڪنڊي

پشاور (م د) گورنر خيبرپختونخوا فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته پي ٽي آءِ سان ڳالهين جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، پي ٽي آءِ جون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ سهراب ڳوٺ مان گم ٿيل شهري عبدالله جي بازيابي بابت درخواست جي ٻڌڻي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ سهراب ڳوٺ مان گم ٿيل شهري عبدالله جي بازيابي بابت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

وينن ۾ سلينڊر لڳائڻ ۽ وڌيڪ ٻار ويهارڻ تي پابندي لاڳو

وينن ۾ مقرر گنجائش کان وڌيڪ شاگرد ويهارڻ تي به پابندي هوندي

صوبائي وزير تعليم جي هدايتن تي خانگي اسڪولن کي حفاظتي حڪم نامو جاري ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تعليم واري وزير اسڪول وينن ۾ سي اين جي ۽ ايل پي جي سلينڊر لڳائڻ تي سخت پابندي لاڳو ڪري ڇڏي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

سنڌ کي ٽوڙڻ جي سازش ڪامياب نه ٿيندي، 22 نومبر تي ڪراچيءَ ۾ عوام جو سمنڊ گڏ ڪنداسين: ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي

ڪامريڊ شبير راڄپر، حنان عباسي ۽ ٻين اڳواڻن جمالي پل، سچل ڳوٺ، عبدالله شاهه غازي ۽ ٻين علائقن جا دورا ڪيا

سنڌ اسان جو تاريخي وطن آهي، جنهن جي پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ تهذيب آهي، سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڪنهن به سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو

22 نومبر تي ڪراچي ۾ شهيد بشير خان قريشي جي جلسن وانگر ماڻهن جو سمنڊ گڏ ڪري عوامي ريفرنڊم ذريعي اهو پيغام ڏنو ويندو

ڪراچي(رپورٽر) جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي طرفان 22 نومبر تي اعلائيل وحدتِ سنڌ مارچ جي جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم شهيد بشير خان گروپ) طرفان ضلعي اوير جي مختلف علائقن جا دورا ڪيا ويا. جسق/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
اڱارو 03 نومبر 2026ع بمطابق 22 جمادي الاول 1448ھ

حڪمرانن جي قول ۽ فعل ۾ تضاد!

لاهور ۾ هيٽ ريڪس آمريڪن سينٽر آف ايڪسيلنس جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي ته حڪمرانن جي سڀ کان وڏي ذميواري انصاف ڪرڻ ۽ الله تعاليٰ کي راضي ڪرڻ آهي. سندس چوڻ هو ته جڏهن ڪو شخص ڪنهن عهدي تي فائز هجي ته ان کي عوام آڏو جوابده هجڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته عهدن تي ويٺل ماڻهن تي تمام گهڻي ذميواري هوندي آهي. محسن نقوي جي اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي هڪ اهم اخلاقي ۽ اصولي پيغام آهي، ڇاڪاڻ ته حڪمراني رڳو اقتدار ماڻڻ، ڪرسيءَ تي ويهڻ يا اختيارن جو استعمال ڪرڻ جو نالو ناهي، پر حڪمراني هڪ وڏي امانت آهي، جنهن جو بنيادي مقصد عوام جي خدمت، انصاف جي فراهمي، قانون جي بالادستي ۽ ماڻهن جي بنيادي حقن جو تحفظ هجڻ گهرجي. ڪنهن به عهدي تي ويٺل شخص جي ذميواري رڳو پنهنجن اختيارن کي استعمال ڪرڻ تائين محدود نٿي رهي، پر ان تي لازم آهي ته هو پنهنجي هر فيصلي، عمل ۽ پاليسيءَ بابت عوام آڏو جوابده هجي. محسن نقوي جي اها ڳالهه به اهم آهي ته ڪنهن به سياسي پارٽيءَ سان وابستگيءَ کان مٿانهون ٿي ملڪ بابت سوچڻ گهرجي، پر سوال اهو آهي ته ڇا پاڪستان جي حڪمرانن جو قول ۽ فعل ڪڏهن هڪ رهيو آهي؟ ڇا اسان جي حڪمرانن جيڪي واعدا عوام سان ڪيا آهن، انهن تي عمل به ڪيو آهي؟ ڇا انصاف، عوامي ڀلائي، قانون جي حڪمراني ۽ قومي مفادن کي اقتدار جي سياست کان مٿانهون رکيو ويو آهي؟ پاڪستان جي سياسي تاريخ تي نظر وجهجي ته هر دور ۾ حڪمرانن عوام کي انصاف، خوشحالي، روزگار، سستي بجلي، سستو پيٽرول، معياري تعليم، صحت جون سهولتون ۽ ڪرپشن جي خاتمي جا خواب ڏيکاريا آهن. پر انهن واعدن ۽ عملي قدمن جي وچ ۾ هڪ وڏو فاصلو نظر اچي ٿو. اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ عوام سان وڏا وڏا واعدا ڪيا وڃن ٿا. مهانگائي ختم ڪرڻ، بيروزگاري گهٽائڻ، غريبن جي زندگي بهتر بڻائڻ ۽ ملڪ کي ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪرڻ جون دعوائون ڪيون وڃن ٿيون. پر اقتدار حاصل ڪرڻ کان پوءِ اڪثر انهن ئي واعدن کي وساريو وڃي ٿو. عوام کي قربانين جا مشورا ڏنا وڃن ٿا، جڏهن ته حڪمران طبقن جي طرز زندگي ۽ اختيارن جي استعمال بابت عوام جا سوال اڃا تائين موجود آهن. انصاف جي ڳالهه ڪرڻ کان اڳ اهو ڏسڻ ضروري آهي ته ملڪ ۾ انصاف جو نظام عام ماڻهوءَ لاءِ ڪيترو پهچ جوڳو آهي. هڪ غريب ماڻهو پنهنجي جائز حق لاءِ ٿاڻن، عدالتن ۽ سرڪاري آفيسن جا چڪر ڪاٽي ٿو، سالن تائين ڪيسن جي فيصلن جو انتظار ڪري ٿو، جڏهن ته بااثر ۽ وس وارا ماڻهو پنهنجن وسيلن ۽ اثر رسوخ سبب ڪيترن ئي معاملن ۾ سهولتون حاصل ڪري وٺن ٿا. قانون جي نظر ۾ سڀني کي برابر هجڻ گهرجي، پر عملي طور تي عام ماڻهوءَ جي ذهن ۾ اهو سوال موجود آهي ته ڇا قانون جو اطلاق طاقتور ۽ ڪمزور ٻنهي تي هڪجهڙو ٿئي ٿو؟ جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ انصاف جي فراهميءَ ۾ دير، سفارش، رشوت ۽ اثر رسوخ جون شڪايتون موجود هجن ته رڳو انصاف جا وعظ ڪرڻ ڪافي ناهن. پر انهن مسئلن جي خاتمي لاءِ عملي قدم کڻڻ به ضروري آهن. محسن نقوي جو اهو چوڻ ته عهدي تي ويٺل ماڻهن کي عوام آڏو جوابده هئڻ گهرجي، دراصل حڪمرانيءَ جي بنيادي اصولن مان هڪ آهي. جمهوريت جو حسن ئي عوام جي جوابدهيءَ ۾ آهي. عوام ووٽ ڏئي پنهنجا نمائندا چونڊي ٿو ته جيئن اهي سندس مسئلا حل ڪن. پر جيڪڏهن عوام کي پنهنجي ئي چونڊيل نمائندن کان سوال ڪرڻ، حڪومتي ڪارڪردگيءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجن حقن جو مطالبو ڪرڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي ته پوءِ جوابدهيءَ جو تصور ڪيئن پورو ٿيندو؟ حڪمرانن کي اهو سمجهڻ گهرجي ته اقتدار ڪا ذاتي ملڪيت ناهي، نه ئي سرڪاري عهدا ڪنهن خاص طبقي جي سهولت لاءِ آهن. پر اهي عوام جي اعتماد ۽ ملڪ جي آئين تحت مليل ذميواريون آهن. انهن ذميوارين ۾ ناڪاميءَ تي عوام کي سوال ڪرڻ جو پورو حق حاصل آهي. پاڪستان ۾ مهانگائي، بيروزگاري، بجلي ۽ گئس جي وڌندڙ قيمتن، تعليم ۽ صحت جي خراب صورتحال ۽ عام ماڻهن جي معاشي پريشانين کي نظرانداز ڪري ملڪ جي ترقيءَ جون دعوائون ڪرڻ سان عوام جي زندگيءَ ۾ ڪا به حقيقي تبديلي نٿي اچي. حڪومتون جيڪڏهن آءِ ٽي شعبي کي هٿي ڏيڻ، نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ جديد ٽيڪنالاجيءَ کي هٿي ڏيڻ جون ڳالهيون ڪن ٿيون ته اهي وقت جي اهم ضرورتون آهن. محسن نقوي پڻ نوجوانن کي ملڪ جو روشن مستقبل قرار ڏيندي آءِ ٽي شعبي جي ترقي ۽ پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين جي ملڪ لاءِ خدمتن تي زور ڏنو آهي. پر ان سان گڏ اهو سوال به اهم آهي ته ملڪ جي انهن نوجوانن لاءِ ڪهڙو ماحول پيدا ڪيو پيو وڃي. جيڪي تعليم مڪمل ڪرڻ باوجود روزگار لاءِ پريشان آهن؟ ڇا انهن کي ميرٽ تي نوڪريون، معياري تعليمي ادارا، جديد سهولتون ۽ پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جا برابر موقعا حاصل آهن؟ آءِ ٽي شعبي جي ترقيءَ لاءِ رڳو ڪمپنين کي سهائتا ڏيڻ ڪافي ناهي، پر تعليمي نظام کي جديد بڻائڻ، انٽرنيٽ ۽ بجليءَ جون سهولتون بهتر ڪرڻ، نوجوانن کي فني تربيت ڏيڻ ۽ روزگار جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائڻ پڻ ضروري آهي. ساڳئي وقت پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين کان ملڪ جي ترقيءَ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جي اپيل ڪرڻ کان اڳ انهن لاءِ ملڪ ۾ محفوظ سيڙپڪاري، شفاف نظام، قانوني تحفظ ۽ اعتماد جو ماحول پيدا ڪرڻ لازمي آهي. حڪمرانن کي اهو به ياد رکڻ گهرجي ته ملڪ سان محبت رڳو تقريرن، بيانن ۽ دعوائن سان ثابت نٿي ٿئي، پر ان جو اظهار پاليسين، فيصلن ۽ عوامي خدمت جي صورت ۾ ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن حڪمران پاڻ قانون جي پابندي، ميرٽ، شفافيت ۽ انصاف جا مثال قائم ڪن ته عوام جو اعتماد به بحال ٿي سگهي ٿو. الله تعاليٰ کي راضي ڪرڻ ۽ انصاف ڪرڻ جي ڳالهه ڪندي حڪمرانن کي اهو به سوچڻ گهرجي ته عوام جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ، غريبن کي بنيادي سهولتن کان محروم رکڻ، ناانصافيءَ تي خاموش رهڻ ۽ اختيارن جو غلط استعمال ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ عوامي خدمت نٿو ٿي سگهي. حڪمرانيءَ ۾ اخلاقي ذميواريءَ جو تقاضو آهي ته سرڪاري خزاني کي امانت سمجهيو وڃي، عوام جي ٽيڪسن جو پئسو عوام جي ڀلائيءَ تي خرچ ٿئي، ادارن ۾ ميرٽ کي اوليت ڏني وڃي ۽ هر شهريءَ کي بنا ڪنهن سياسي، سماجي يا معاشي فرق جي برابر حق ڏنا وڃن. پاڪستان کي هن وقت اهڙي حڪمرانيءَ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ بيانن کان وڌيڪ عمل، دعوائن کان وڌيڪ نتيجا ۽ سياسي مفادن کان وڌيڪ عوامي مفادن کي اهميت ڏني وڃي. محسن نقوي جو بيان حڪمرانن لاءِ هڪ اصولي ياد ڏيارڻ آهي، پر ان بيان جي حقيقي اهميت تڏهن ثابت ٿيندي، جڏهن انصاف، جوابدهي ۽ عوامي خدمت کي حڪومتي عمل جو حصو بڻايو ويندو. ملڪ جي عوام کي هاڻي رڳو خوبصورت تقريرن، روشن مستقبل جي واعدن ۽ قربانين جي اپيلن جي ضرورت ناهي، پر کيس اهڙا عملي قدم گهرجن، جن سان سندس زندگيءَ ۾ آساني اچي، انصاف جا دروازا کليل هجن، نوجوانن کي ميرٽ تي روزگار ملي ۽ حڪمران پنهنجن فيصلن جا جوابده هجن. اصل سوال اهو ئي آهي ته ڇا پاڪستان جي حڪمرانن جو قول ۽ فعل هڪ رهيو آهي؟ جيڪڏهن حڪمران انصاف، عوامي خدمت ۽ جوابدهيءَ کي پنهنجي حڪمرانيءَ جو بنياد بڻائڻ چاهين ٿا ته پوءِ انهن کي سڀ کان پهرين پنهنجن بيانن کي عمل ۾ تبديل ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته قومون تقريرن سان نه، پر انصاف، ايمانداري، سٺي حڪمراني ۽ عملي ڪارڪردگيءَ سان ترقي ڪنديون آهن.

نئون پيٽروليم فارمولو، عوام لاءِ امتحان جو هڪ ٻيو مرحلو

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان ۾ مهانگائيءَ جو ذڪر ٿئي ۽ پيٽرول جي اگهن جو سوال سامهون نه اچي، اهو ممڪن ئي ناهي. پيٽرول رڳو گاڏين ۾ استعمال ٿيندڙ ٻارڻ نه آهي، پر ملڪي معيشت جي اهڙي بنيادي ضرورت بڻجي چڪو آهي، جنهن جي اگهن ۾ معمولي واڌ به عام ماڻهوءَ جي گهر جو بجيٽ لوڏي ڇڏي ٿي. جڏهن پيٽرول مهانگو ٿئي ٿو ته ان جا اثر رڳو موٽر سائيڪل، گاڏين ۽ ٽرانسپورٽ تائين محدود نٿا رهن، پر ڪاڌي پيتي جي شين، ڀاڄين، ميون، دوائن، تعميراتي سامان ۽ روزمره استعمال جي تقريبن هر شيءِ جي اگهن ۾ واڌ ٿيڻ لڳي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو پيٽروليم شين جي اگهن ۾ قيرقار جو طريقو پيهر تبديل ڪرڻ واري خبر عوام جي ڌيان جو مرڪز بڻجي وئي آهي.

حڪومت پاران پيٽرول جي اگهن جو تعين ڪرڻ لاءِ نئون فارمولو جاري ڪرڻ جون خبرون اهڙي وقت سامهون آيون آهن، جڏهن اڳ ئي عام ماڻهو مهانگائي، بيروزگاري، بجليءَ جي ڳرن بلن ۽ محدود آمدنيءَ جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. نئين طريقيڪار تحت پيٽرول جي درآمدي لاڳت، تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن جي خرچن، اگهن جي فرق ۽ پيٽروليم ليويءَ جي معاملن کي نئين انداز سان منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ظاهري طور هن قدم جو مقصد اگهن جي تعين واري عمل کي وڌيڪ واضح بڻائڻ ۽ پيٽروليم شعبي جي مالي معاملن کي هڪ باقاعده نظام هيٺ هلائڻ آهي، پر اصل سوال اهو آهي ته هن تبديليءَ مان عام صارف کي ڪهڙو فائدو ملندو؟

پاڪستان ۾ پيٽرول جي اگهن جو معاملو هميشه عوامي بحث جو اهم موضوع رهيو آهي. جڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جا اگهه وڌن ٿا ته حڪومت وٽ اگهن ۾ واڌ جو جواز موجود هوندو آهي. پر جڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ تيل سستو ٿئي ٿو ته عوام اها اميد رکي ٿو ته ان جو فائدو به کين ترت ملڻ گهرجي. بدقسمتيءَ سان عام ماڻهوءَ کي اڪثر اها شڪايت رهندي آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ اگهن جي گهٽتائيءَ جو فائدو مڪمل طور عوام تائين نٿو پهچايو وڃي، جڏهن ته واڌ جو بار تمام جلد عوام جي ڪلهن تي وڌو وڃي ٿو. اهو ئي اڻبرابري وارو رويو عوام ۾ بيچيني پيدا ڪري ٿو. نئين فارمولي جي هڪ اهم ڳالهه اها آهي ته پاڪستان اسٽيٽ آئل يعني پي ايس او جي لاڳاپيل درآمدي تيل جي اصل لاڳت کي بنياد بڻايو ويندو. جيڪڏهن روزاني اگهن جي تعين وقت اصل درآمدي لاڳت موجود نه هوندي ته آخري دستياب درآمدي تيل جي اضافي قيمت ۽ ٻين خرچن کي نظر ۾ رکيو ويندو. ٻئي طرف ملڪ جي تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن لاءِ پيٽرول جي ڪارخاني واري اگهه ۾ ڪجهه خرچن جي پراڻي سطح برقرار رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ان طريقي سان درآمدي قيمت ۽ ڪارخاني واري قيمت ۾ پيدا ٿيندڙ فرق پيٽروليم ليويءَ جي کاتي ۾ جمع ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي. ان مالي فائدي کي پيٽرول جي اگهه ۾ گهٽتائيءَ جي صورت ۾ صارفين تائين پهچائڻ جي هدايت به هن پاليسيءَ جو اهم حصو آهي.

هن فيصلي بابت تقريبن 49 رپيا في ليٽر جي فرق جو معاملو پڻ سامهون آيو آهي. اطلاعن موجب تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن کي اها رقم پيٽروليم ليويءَ جي کاتي ۾ جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ليويءَ ۾ 14.71 رپيا في ليٽر جي تبديليءَ جو ذڪر به ڪيو ويو آهي. اهي انگ مختلف مالي معاملن سان لاڳاپيل آهن. تنهن ڪري حڪومت کي گهرجي ته انهن جي مڪمل وضاحت عوام آڏو رکي، جيئن ڪنهن به قسم جو مونجهارو باقي نه رهي.

هن معاملي جو هڪ ٻيو اهم پاسو اهو به آهي ته ملڪ جي تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن نئين طريقيڪار تي پنهنجا خدشا ظاهر ڪيا آهن. انهن جو چوڻ آهي ته اگهن جي نظام ۾ اوچتي تبديليءَ سان سندن ڪاروباري معاملا متاثر ٿي سگهن ٿا ۽ کين مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. ڪجهه ڪارخانن جي عملدارن اهو خدشو پڻ ظاهر ڪيو آهي ته هن فيصلي سان مستقبل ۾ پيداوار وڌائڻ ۽ جديد مشينري لڳائڻ وارا منصوبا متاثر ٿي سگهن ٿا. پاڪستان جهڙي ملڪ لاءِ اهو معاملو اهم آهي، جتي اڳ ئي مقامي سطح تي تيل صاف ڪرڻ واري شعبي کي جديد بڻائڻ ۽ درآمدي ٻارڻ تي ڀاڙ گهٽائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي. حڪومت کي گهرجي ته عوام کي رليف ڏيڻ سان گڏ ملڪي صنعت جي تحفظ کي به پنهنجي پاليسيءَ جو حصو بڻائي. ڪنهن به فيصلي جو مقصد هڪ شعبي کي فائدو پهچائڻ ۽ ٻئي شعبي کي نقصان ۾ وجهڻ نه هجڻ گهرجي. جيڪڏهن تيل صاف ڪندڙ ڪارخانا مالي دٻاءَ جو شڪار ٿيندا ته مستقبل ۾ ان جا اثر ملڪي ٻارڻ جي پيداوار، سيڙپڪاري ۽ درآمدات تي به پئجي سگهن ٿا. تنهن ڪري ضروري آهي ته حڪومت، اوگرا ۽ تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن وچ ۾ مشاورت جو اثرائتو نظام قائم ڪيو وڃي، جيئن عوامي مفاد ۽ ملڪي صنعتي استحڪام ٻنهي کي تحفظ ملي سگهي.

پاڪستان ۾ پيٽرول جي اگهن جو هڪ وڏو مسئلو ٽيڪسن ۽ ليويءَ جو بار پڻ آهي. عام ماڻهو جڏهن پيٽرول پمپ تي پهچي ٿو ته کيس رڳو عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي قيمت جو بار برداشت ڪرڻو نٿو پوي، پر ان قيمت ۾ مختلف ٽيڪس، ليوي، آمدورفت ۽ ٻيا خرچ پڻ شامل هوندا آهن. حڪومت کي گهرجي ته پيٽروليم شين تي لاڳو سڀني ٽيڪسن ۽ اضافي وصولين جا تفصيل عوام آڏو رکي. جيستائين عوام کي اها خبر نه پوندي ته هڪ ليٽر پيٽرول جي اصل قيمت ڪيتري آهي ۽ ان ۾ حڪومت ڪيترو ٽيڪس وصول ڪري ٿي، تيستائين اگهن جي تعين وارو نظام مڪمل طور شفاف نٿو بڻجي سگهي.

اها به حقيقت آهي ته پيٽرول جي اگهه ۾ گهٽتائيءَ جو فائدو رڳو موٽر سائيڪل ۽ گاڏيون هلائيندڙ ماڻهن تائين محدود نه رهڻ گهرجي. پاڪستان ۾ لکين اهڙا خاندان آهن، جن وٽ پنهنجي سواري ناهي، پر اهي روزانو رڪشا، بسون، ويگنون ۽ ٽرانسپورٽ جا ٻيا وسيلا استعمال ڪن ٿا. پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ گهٽتائيءَ کان پوءِ ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۾ به مناسب گهٽتائي ٿيڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح کاڌي پيتي جي شين جي پهچائڻ جا خرچ گهٽجڻ جي صورت ۾ بازارن ۾ به شين جا اگهه گهٽ ٿيڻ گهرجن. جيڪڏهن پيٽرول سستو ٿي وڃي، پر رڪشن جا ڀاڙا، ڀاڄين، اٽي، کير ۽ ٻين ضروري شين جا اگهه ساڳيا رهن ته عام ماڻهوءَ کي حقيقي رليف ڪيئن ملندو؟ حڪومت لاءِ ضروري آهي ته نئين فارمولي تي عملدرآمد جي نگراني ڪري ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائي ته تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن مان حاصل ٿيندڙ مالي فائدو واقعي صارفين تائين پهچي رهيو آهي. رڳو حڪمناما جاري ڪرڻ ڪافي ناهي، پر انهن جا نتيجا به عوام آڏو اچڻ گهرجن. اوگرا کي گهرجي ته اگهن ۾ گهٽتائي ۽ واڌ جا مڪمل تفصيل جاري ڪري، جيئن هر شهري سمجهي سگهي ته عالمي مارڪيٽ، درآمدي لاڳت، ڪارخانن جي خرچن ۽ پيٽروليم ليويءَ جو سندس کيسي تي ڪهڙو اثر پوي ٿو.

حڪومت کي اهو به ياد رکڻ گهرجي ته پاڪستان جي معيشت جو وڏو حصو عام پورهيت، هاري، مزدور، ننڍين واپارين ۽ پگهاردار طبقي جي ڪلهن تي بيٺل آهي. هڪ مزدور جيڪو روزانو محدود آمدني ڪمائي ٿو، ان لاءِ موٽر سائيڪل ۾ پيٽرول وجهڻ به وڏو خرچ بڻجي چڪو آهي. هاريءَ کي فصل جي پوک کان وٺي منڊيءَ تائين پهچائڻ لاءِ ٻارڻ جي ضرورت پوي ٿي. ننڍي دڪاندار کي سامان گهرائڻ لاءِ ٽرانسپورٽ گهرجي. اهڙي صورتحال ۾ پيٽرول جي اگهن بابت هر فيصلو سڌو سنئون ملڪي معيشت ۽ عوامي زندگيءَ کي متاثر ڪري ٿو.

پاڪستان کي اهڙي پيٽروليم پاليسيءَ جي ضرورت آهي، جيڪا رڳو عارضي حالتن کي نظر ۾ رکي نه ٺاهي وڃي، پر ان ۾ ڊگهي مدي واري رٿابندي به شامل هجي. اسان کي ملڪ اندر تيل جي ڳولا، تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن کي جديد بڻائڻ، متبادل توانائي ۽ عوامي ٽرانسپورٽ جي نظام کي بهتر ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻو پوندو. جيستائين ملڪ پنهنجي توانائيءَ جي ضرورتن لاءِ ٻاهرين مارڪيٽن تي وڌيڪ ڀاڙيندو رهندو، تيستائين عالمي سياسي ڇڪتاڻ ۽ تيل جي اگهن ۾ لاٿ چاڙهه اسان جي معيشت کي متاثر ڪندي رهندي. آخر ۾ حڪومت کي اها گذارش آهي ته پيٽرول جي اگهن جو نئون فارمولو رڳو انتظامي تبديلي نه سمجهيو وڃي، پر ان کي عوامي رليف جو ذريعو بڻايو وڃي. جيڪڏهن هن فيصلي سان واقعي پيٽرول جي اگهه ۾ گهٽتائي ممڪن آهي ته ان جو فائدو بنا دير عام ماڻهوءَ تائين پهچڻ گهرجي. عوام کي انگن اکرن ۽ واعدن کان وڌيڪ عملي رليف جي ضرورت آهي. حڪومت کي اهو ثابت ڪرڻو پوندو ته سندس معاشي پاليسيون رڳو سرڪاري خزاني جا انگ اکر بهتر ڪرڻ لاءِ نه، پر عوام جي زندگي آسان بڻائڻ لاءِ به آهن. چو ته ملڪ جي ترقيءَ جو اصل معيار اهو آهي ته هڪ عام شهري پنهنجي محدود آمدنيءَ ۾ عزت ۽ سڪون سان زندگي گذاري سگهي. پيٽرول جو نئون فارمولو تڏهن ئي ڪامياب ٿيندو، جڏهن ان جو فائدو حڪومتي دستاويزن مان نڪري عام ماڻهوءَ جي کيسي تائين پهچندو.

خوف ۾ ورتل اڄ جي صحافت

اعجاز ممنائي

سادن لفظن ۾ صحافت جو مطلب آهي سچ کي ڳولڻ، ان جي تصديق ڪرڻ ۽ ان کي بنا ڪنهن ڊپ ۽ لالچ جي عوام تائين پهچائڻ آهي صحافت ڪو ڪاروبار ناهي، هڪ ذميواري آهي. صحافت لفظ "صحيفو" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اخبار، ڪتاب يا لکڻي. مطلب ته لکيل ذريعي ماڻهن کي خبر ڏيڻ. صحافت جا چار بنيادي ٿنڀ آهن پهريون صحافت جو پهريون اصول سچ آهي. ٻڌل ڳالهه کي خبر نٿو چئجي. خبر اها آهي جنهن جي تصديق ٿيل هجي، جنهن جا ثبوت هجن. ٻيو صحافي جو ڪم تعريف ڪرڻ نه، سوال ڪرڻ آهي. حڪمران کان، وڏيري کان، آفيسر کان پڇڻ ته "عوام جو پئسو ڪٿي ويو؟ انصاف ڇو نه مليو؟" ٽيون جنهن ماڻهو جو آواز ڪٿي به نٿو ٻڌجي، ان جو آواز بڻجڻ صحافت آهي. هڪ غريب هاري، هڪ مظلوم عورت، هڪ بيروزگار نوجوان جي ڳالهه ايوانن تائين پهچائڻ. چوٿون صحافي ڪنهن به پارٽي، ڪنهن به گروهه جو ترجمان ناهي. هن جو تعلق رڳو سچ سان آهي، چاهي اهو سچ پنهنجي خلاف ئي ڇو نه هجي.

حقيقي صحافت ۾ صحافي حڪمران کان ڊڄندو آهي ته ڪٿي عوام سان ناانصافي نه ٿئي، ۽ اڄ جو حڪمران صحافي کي ڊيڄاري ٿو ته ڪٿي منهنجي خلاف نه لکي. ياد رکو جيڪڏهن ڪا خبر طاقتور کي ناراض نٿي ڪري ته اها خبر ناهي، اشتهار آهي. تنهن ڪري صحافت صرف خبر پڙهڻ جو نالو ناهي، اها طاقت کان سچ جو حساب وٺڻ جو نالو آهي.

چوندا آهن ته صحافت رياست جو چوٿون ٿنڀ آهي، پر اڄ اهو ٿنڀ پنهنجي ئي وزن هيٺ ڏڪي رهيو آهي. ڪڏهن قلم کي تلوار کان وڌيڪ طاقتور سمجهيو ويندو هو، اڄ اهو ئي قلم ڪنبندي هٿن ۾ آهي. اڄ جي صحافت آزاد ناهي رهي، اها خوف ۾ ورتل آهي. اڄ جو صحافي ٻن ٻاهين ۾ قاتل آهي. هڪ طرف رياستي ادارن جو اڻ ڏٺو دٻاءُ، ته ٻئي طرف مالڪن جا ڪاروباري مفاد آهن. سچ لکڻ تي پهريون حملو نوڪري تي ٿيندو آهي. ڪيترن ئي وڏن چينلن ۽ اخبارن تان بغير ڪنهن سبب جي صحافين کي ڪڍيو ويو، صرف ان ڪري جو انهن حڪمرانن کان سوال پڇيو. پيڪا ايڪٽ، غداري جا ڪيس، ايف آءِ اي جا نوٽيس، ٽيڪس جا ڇاپا _ اهي سڀ هٿيار بڻجي ويا آهن. هڪ خبر تي سڄي زندگي ڪورٽ ڪچهري ۾ گذري ٿي. ارشد شريف جو قتل، مطيع الله جان، اسد طور ۽ ابصار عالم تي حملا. ڪيترن ئي صحافين جو ڪنيجي وڃڻ، اهو سڀ ڪجهه ٻين لاءِ عبرت جو نشان بڻايو ويو آهي ته جيئن باقي پاڻمرادو خاموش ٿي وڃن.

اڳي سينسرشپ ڪينچي سان ٿيندي هئي، اڄ ٻٽڻ سان ٿئي ٿي. هي سڀ کان خطرناڪ سينسرشپ آهي. جڏهن صحافي پاڻ ئي سوچي ته "هي خبر هلي ته مسئلو ٿيندو" ۽ پاڻ ئي خبر کي ماري ڇڏي. اڄ 80 سيڪڙو سچ سيلف سينسرشپ جي نظر ٿي وڃي ٿو. اڄ ميڊيا جا مالڪ بلڊر، شوگر ملز وارا ۽ حڪومت کان اشتهار وٺندڙ آهن. اهي ڪڏهن به نه چاهيندا ته سندن چينل حڪومت جي خلاف ڳالهائي. نتيجي ۾ ايڊيٽر کي چيو ويندو آهي ته "هن موضوع کي نه ڇهجان." حڪومت جو سڀ کان وڏو هٿيار سرڪاري اشتهار آهن. جيڪو چينل تنقيد ڪري ٿو، ان جا اشتهار بند. اخبارن جو ڪاغذ ئي اشتهارن تي هلي ٿو.

جڏهن مين اسٽريم ميڊيا خاموش ٿي ته عوام يوٽيوب ڏانهن هليو ويو. اتي ڪجهه بهادر آواز ضرور آيا، پر گڏوگڏ ريٽنگ جي ڊوڙ ۾ صحافت جو معيار به ڪري پيو. بغير تصديق جي خبر، گارگند، ٿمب نيل تي رت، اهو به صحافت ناهي. خوف جي ڪري هڪ طرف خاموشي آهي ته ٻئي طرف شور آهي. سنڌ جي صحافي کي ٻٽو خوف آهي. هڪڙو اهو ئي جيڪو اسلام آباد ۽ لاهور جي صحافي کي آهي، ٻيو پنهنجي ئي سماج جو. هتي سردار، وڏيري ۽ قبائلي تڪرار تي لکڻ به جان جوکي ۾ وجهڻ برابر آهي. ڪيترا ئي ضلعي رپورٽر بنا پگهار جي، بنا تحفظ جي رڳو سچ جي آسري تي ڪم ڪن ٿا ۽ آخر ۾ مارجي وڃن ٿا. سندن ڪيس به داخل نٿو ٿئي. صحافت کي خوف مان ڪڍڻ لاءِ صرف صحافين کي نه، عوام کي به اٿڻو پوندو. صحافين جي تنظيمن کي ذاتي مفادن کان مٿي ٿي هڪ ٿيڻو پوندو. عدليه کي صحافين جي تحفظ لاءِ عملي قدم کڻڻا پوندا. رڳو بيان نه. عوام کي سمجهڻو پوندو ته جيڪو صحافي توهان لاءِ سوال ٿو پڇي، جڏهن هو ڪنيجي ٿو ته جيڪڏهن توهان خاموش رهندؤ ته سڀاڻي توهان جو آواز به ڪير نه ٻڌندو.

خوف ۾ ورتل صحافت صحافت ناهي رهي، اها نوڪري بڻجي وئي آهي. جڏهن صحافي سوال ڪرڻ بدران تعريف ڪرڻ لڳي، جڏهن اينڪر حڪمران کان سوال ڪرڻ بدران سندس ترجمان بڻجي وڃي، ته سمجهو ته معاشرو بيمار ٿي چڪو آهي. سچ لکڻ اڄ به ممڪن آهي، پر ان جي قيمت تمام وڏي آهي. ۽ اها قيمت رڳو بهادر صحافي ئي ادا ڪري سگهن ٿا.

بقايا *** 01

سيڪريٽري آصف حيدر شاهه ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي. ورلڊ بئنڪ جي وفد ۾ صحت، پاڻي، ٽرانسپورٽ، شهري ترقي، آفتن کي منهن ڏيڻ ۽ خريداريءَ جي شعبن جا ماهر به شامل هئا. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته سنڌ ۾ عالمي بئنڪ جي 3.85 ارب ڊالرن جي پورٽ فوليو ۾ 12 منصوبا شامل آهن، جن مان 11 سيڙپڪاريءَ جا منصوبا ۽ هڪ نتيجن سان لاڳاپيل پروگرام آهي. منصوبن لاءِ 2 ارب 33 ڪروڙ 40 لک ڊالر جاري ٿي چڪا آهن، جڏهن ته هڪ ارب 57 ڪروڙ 10 لک ڊالر استعمال لاءِ موجود آهن. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته منصوبن لاءِ 3.7 ارب ڊالرن جون خريداري سرگرميون رٿابنديءَ جو حصو آهن. هڪ ارب 40 ڪروڙ 90 لک ڊالرن جي ماليت جا 437 معاهدا ڪيا ويا آهن، جن مان 417 ملين ڊالرن جا 141 معاهدا عمل هيٺ آهن، جڏهن ته 228 ملين ڊالرن جا 174 معاهدا عمل درآمد جا منتظر آهن. وڏي وزير لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته ترقياتي رٿائن تي عملدرآمد تيز ڪيو وڃي، انتظامي ۽ مالي رنڊڪون ترت ختم ڪيون وڃن ۽ منظور ٿيل منصوبن تي بنا سبب دير ڪرڻ بدران ڪم شروع ڪيو وڃي. هن چيو ته پاڻ رنڊڪون کي ختم ڪرڻ واري عمل جي نگراني ڪندي، وڏي وزير فنڊن جي وقت تي جاري ٿيڻ، کاتن وچ ۾ بهتر رابطي ۽ خريداريءَ جي عمل کي تيز ڪرڻ تي پڻ زور ڏنو. اجلاس ۾ صحت، تعليم، زراعت، آبپاشي، پاڻي، نيڪال ۽ شهري ترقيءَ جي منصوبن جو جائزو ورتو ويو. ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج سروسز امپروومنٽ پراجيڪٽ جي ٻئي مرحلي، ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي انتظامي ۽ مالي ڪارڪردگي، اداري جي جوڙجڪ ۾ سڌارن ۽ اهم فني توڙي انتظامي عملي جي ڀرتين بابت به غور ڪيو ويو. ڪي فور پاڻي منصوبي سان لاڳاپيل سهولتن تي اڳڀرائي به اجلاس ۾ پيش ڪئي وئي. صحت جي شعبي ۾ سنڌ انٽيگريٽيڊ هيلٿ اينڊ پاپوليشن پراجيڪٽ تحت سرڪاري ڊسپينسرين، رورل هيلٿ سينٽرن، تعلقي اسپتالن ۽ بنيادي صحت مرڪزن جي بحاليءَ تي ڪم جاري هجڻ بابت بريفنگ ڏني وئي. صحت جي تعميراتي ڪمن جا 9 معاهدا عمل هيٺ آهن، جڏهن ته مختلف ضلعن ۾ وڌيڪ صحت مرڪزن جي نئين سر اڏاوت ڪئي پئي وڃي. اجلاس ۾ 104 ايمبولينسن ۽ طبي سامان جي خريداريءَ جو جائزو ورتو ويو. وڏي وزير هدايت ڪئي ته صحت جا منصوبا مقرر مدي اندر مڪمل ڪيا وڃن ۽ خاص طور ٻهراڙي ۽ پسمانده علائقن جي عورتن ۽ ٻارن کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. اجلاس ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت 200 ملين ڊالرن جي پروگرام تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو. بريفنگ موجب پروگرام لاءِ 91.9 ملين ڊالر جاري ٿي چڪا آهن ۽ سنڌ ۾ 14 لک کان وڌيڪ خاندانن جي رجسٽريشن مڪمل ٿي چڪي آهي، جڏهن ته رجسٽريشن جو ٽارگيٽ 25 لک مقرر ڪيو ويو آهي. پروگرام کي نادرا جي ڊيٽا سان ڳنڍڻ بابت پڻ غور ڪيو ويو. زراعت ۽ آبپاشي جي شعبي ۾ سنڌ واٽر اينڊ ايگريڪلچر ٽرانسفارميشن پراجيڪٽ، 2022ع جي ٻوڏ کان متاثر هارين جي سهائتا، اڪرم واهه جي بحالي ۽ سنڌ اسٽريٽجڪ واٽر پلان جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ٻوڏ متاثر 2 لک 49 هزار 861 هارين کي مالي ادائيگيون ڪيون ويون آهن. وڏي وزير چيو ته پاڻيءَ جي بهتر انتظام سان زراعت کي هٿي ملي سگهي ٿي ۽ آبادين کي تحفظ فراهم ڪري سگهجي ٿو. سنڌ بئراجز امپروومنٽ پراجيڪٽ تحت گڊو ۽ سکر بئراجن جي بحالي ۽ حفاظت، آبپاشي ۽ پاڻي ۾ مٽي ۽ ڪچري جي گڏ ٿيڻ واري مسئلي ۽ بئراج مئنيجمينٽ يونٽ کي مضبوط ڪرڻ بابت پڻ جائزو ورتو ويو. وڏي وزير آبپاشي جي نظام کي جديد بڻائڻ ۽ آبي وسيلن جي بهتر استعمال تي زور ڏنو. تعليم جي شعبي ۾ سنڌ ارلي لرننگ انهانسمنٽ ٿرو ڪلاس روم ٽرانسفارميشن منصوبي تي اڳڀرائي پيش ڪئي وئي. بريفنگ موجب، 295 اسڪولن مان 190 جي تعمير مڪمل ٿي چڪي آهي، جڏهن ته 140 اسڪول فرنيچر سميت لاڳاپيل اختيارين حوالي ڪيا ويا آهن. رهيل اسڪولن جي اڏاوت جنوري 2027ع تائين مرحليوار مڪمل ٿيڻ جو امڪان آهي. وڏي وزير تعليم واري وزير کي اسڪولن ۾ تعليمي معيار بهتر بڻائڻ ۽ باقي اسڪولن جي تعمير سميت سهولتن کي فعال بڻائڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ سنڌ لائيو اسٽاڪ اينڊ ايڪوائيڪلچر سيڪٽرز ٽرانسفارميشن پراجيڪٽ جو به جائزو ورتو ويو، جنهن ۾ ويٽرنري ليبارٽرين، موبائل ويٽرنري ايمبولينسن، مالوندن ۽ پيداواري گروپن جي سهائتا ۽ ڇهپائي مال ۾ بيمارين جي روڪٿام بابت قدمن تي غور ڪيو ويو. ڪراچي موبلٽي پراجيڪٽ تحت يلو لائين بي آر ٽي منصوبن تي اڳڀرائي، شهر ۾ روڊن جي پهچ ۽ ٽريفڪ جي حفاظت بهتر بڻائڻ بابت پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي. اجلاس ۾ ڪچري جي جوڳي انتظام جي بهتري لاءِ منصوبن جو جائزو پڻ ورتو ويو ۽ سنڌ فلڊ ايمرجنسي هائوسنگ ريڪنسٽرڪشن پراجيڪٽ ۽ سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پراجيڪٽ تي عملدرآمد بابت غور ڪيو ويو. وڏي وزير لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته ٻوڏ متاثرن جي گهرن جي تعمير ۽ بحاليءَ جو ڪم تيز ڪيو وڃي ۽ متاثر خاندانن تائين رهائشي پروگرامن جا فائدا پهچايا وڃن. ورلڊ بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر بولورما امگابازار سنڌ حڪومت سان ترقياتي ڀائيواري جي مسلسل سهڪار کي ساراهيندي چيو ته منصوبن جا بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ وقتائتا فيصلا، مضبوط انتظامي نظام ۽ لاڳاپيل کاتن وچ ۾ ويجهو رابطو ضروري آهي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ورلڊ بئنڪ جي سهڪار کي ساراهيندي چيو ته سنڌ حڪومت ترقياتي ڀائيواري کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ ترقياتي سيڙپڪاريءَ کي سنڌ جي عوام جي زندگيءَ ۾ حقيقي بهتري ۾ تبديل ڪيو ويندو.

بقايا *** 02

سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي جڏهن ته ساليانه بنياد تي مهانگائي جي شرح 9.61 سيڪڙو تائين پهچي وئي. گذريل سال آڪٽوبر 2025 جي مقابلي ۾ آڪٽوبر 2026 ۾ مهانگائي جي شرح 9.61 سيڪڙو رهي، جڏهن ته هلندڙ مالي سال جي پهرين چئن مهينن دوران سراسري مهانگائي جي شرح 10.05 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي. انگ اکرن موجب آڪٽوبر ۾ شهري علائقن ۾ مهانگائي جي شرح 0.81 سيڪڙو جڏهن ته ٻهراڙي وارن علائقن ۾ 1.49 سيڪڙو وڌي. آڪٽوبر ۾ ڪاڌي پيتي جي شين جي قيمتن ۾ مهيني جي بنياد تي 2.26 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي، مرغي جي گوشت 19.38 سيڪڙو، دال چڻا 9.17 سيڪڙو، ڪڪڙ 9.01 سيڪڙو ۽ اٽو 7.54 سيڪڙو مهانگو ٿيو. تازين ڀاڄين جي قيمتن ۾ 6.55 سيڪڙو، آنن ۾ 5.72 سيڪڙو ۽ دال ماش ۾ 5.54 سيڪڙو واڌ ٿي، ٻئي پاسي ٽماٽن جي قيمت ۾ 31.63 سيڪڙو، بصر ۾ 4.23 سيڪڙو، آلو ۾ 4.04 سيڪڙو ۽ ڪڻڪ جي قيمت ۾ 2.17 سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي. آڪٽوبر ۾ ٽرانسپورٽ شعبي ۾ مهانگائي 1.79 سيڪڙو وڌي، جڏهن ته رهائش، بجلي، گئس ۽ ٻارڻ جي خرچن ۾ 0.25 سيڪڙو واڌ ٿي. مائع هائيڊرو ڪاربن جي قيمتن ۾ 8.39 سيڪڙو، موٽر فيول ۾ 3 سيڪڙو، ڪاٽن ڪپڙي ۾ 1.22 سيڪڙو، گهر جي ڪرائي ۾ 0.94 سيڪڙو ۽ دوائن جي قيمتن ۾ 0.90 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي. انگ اکرن موجب آڪٽوبر ۾ متفرق شين ۽ خدمتن جي قيمتن ۾ 0.71 سيڪڙو جڏهن ته بجلي جي اگهن ۾ 3.31 سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي.

بقايا *** 03

ن وڌيڪ بار غريب طبقا برداشت ڪري رهيا آهن. پاڪستان جهڙن ترقي پذير ملڪن کي عالمي مالياتي نظام، بلند وياج جي شرح ۽ ماحولياتي تبديلي سبب ڪيترن ئي چيلنجن کي منهن ڏيڻو پئي ٿو. ترقي کي رڳو معاشي انگن اکرن بدران انساني حقن، موسمياتي انصاف ۽ پائيدار ترقيءَ سان ڳنڍڻ جي ضرورت آهي. حقيقي پائيدار ترقي لاءِ موسمياتي آفتن کان نقصان جي اڳواٽ روڪٿام، محفوظ انفراسٽرڪچر جي تعمير ۽ ماليڪي سطح تي انصاف ۽ معاشي موقعا پيدا ڪرڻ لازمي آهي. هتي ايس ڊي پي آءِ ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هن چيو ته پاڪستان جهڙا ترقي پذير ملڪ عالمي مالياتي نظام، بلند وياج جي شرح، جنگين ۽ موسمياتي تبديلي جي اثرن سبب ترقي جي سفر ۾ ڪيترن ئي چيلنجن کي منهن ڏئي رهيا آهن. هن چيو ته گذريل 70 سالن کان ترقي جي اهڙي تصور کي فروغ ڏنو ويو آهي، جنهن تحت سيڙپڪاري، زرعي پيداوار، صنعت ۽ خدمتن واري شعبي ذريعي غربت ختم ڪرڻ جو سپنو ڏيکاريو ويو آهي. البته ان عمل ۾ غريب طبقي جا بنيادي اصول، باهمي انحصار ۽ عالمي نظام ۾ عدم مساوات کي نظرانداز ڪيو ويو. وفاقي وزير چيو ته دنيا کي هڪ عالمي ڳوٺ ۽ گڏيل معاشي سماجي نظام طور پيش ڪيو ويندو رهيو آهي، پر حقيقت ۾ عالمي سطح تي طاقت ۽ وسيلن جي غير مساوي ورهاست موجود آهي. مختلف عالمي ادارا، صنعتي پاليسين ۽ گرين معاهدن ذريعي نيون رڪاوٽون بيهاري رهيا آهن، جنهن سان ترقي پذير ملڪن لاءِ موقعا محدود ٿي رهيا آهن. هن چيو ته هڪ سال دوران غريب طبقن لاءِ موجود مالياتي وسيلن ۾ 23 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي، ترقي يافته ملڪ لڳ ڀڳ 2.2 سيڪڙو وياج جي شرح تي قرض حاصل ڪن ٿا، جڏهن ته پاڪستان جهڙن ملڪن کي 5.2 سيڪڙو وياج جي شرح ادا ڪرڻي پوي ٿي. دنيا جي لڳ ڀڳ 3.7 ارب آبادي اهڙن ملڪن ۾ رهي ٿي جيڪي وياج جي ادائگي تي صحت ۽ تعليم کان وڌيڪ خرچ ڪن ٿا. ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو ته قرض جو هڪ وڏو حصو به موسمياتي تبديلي ۽ وڌندڙ گرمي پد جي صورت ۾ غريب انسان پنهنجي جسم سان ادا ڪري رهيو آهي. هن جيڪب آباد جي هڪ سرن جي ڀٽي تي ڪم ڪندڙ مزدور گلاب جو مثال ڏيندي چيو ته سخت گرمي ۾ ڪم ڪرڻ باوجود هو روزگار لاءِ ڀٽي تي موجود رهي ٿو ته جيئن سندس ٻار بکيا نه مرن. هن چيو ته اهو رڳو موسم يا گرمي جو معاملو ناهي پر غريب طبقي تي لاڳو ٿيندڙ اهڙو بار آهي، جنهن جي قيمت هو پنهنجي صحت ۽ زندگيءَ سان ادا ڪري ٿو. هن چيو ته پاڪستان جهڙا ملڪ گهٽ ڪاربان پيدا ڪرڻ جي باوجود عالمي نظام جي ڊائون اسٽريم حصي ۾ آهن جتي کين اهڙن فيصلن، مالياتي پاليسين، جنگين ۽ عالمي حالتن جا اثر برداشت ڪرڻا پون ٿا، جن ۾ سندن سڌو ڪردار ناهي هوندو. هن چيو ته ترقي پذير ملڪن جي حق ۽ موسمياتي انصاف کي به ترقي جي بحث جو حصو بڻائڻ ضروري آهي. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ۾ ترقي حوالي سان بنيادي سوال اهو آهي ته ترقي جو ڪهڙو ماڊل اختيار ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته ٻوڏن ۽ قدرتي آفتن سبب ٿيندڙ نقصانن جي قيمت ٿيندي آهي. هن چيو ته اڳواٽ روڪٿام ۽ محفوظ انفراسٽرڪچر جي ضرورت آهي ته جيئن آفتن سبب ٿيندڙ نقصان گهٽائي سگهجن. ڪمزور طبقن جو مطلب اهو ئي آهي ته متاثر ماڻهن کي حقيقي موسمياتي لچڪ (ريزيلينس) ڏني وڃي. هن چيو ته پاڪستان جي ترقي جو بار هر غريب طبقي تي وڌيڪ آهي، جنهن جو ازالو ڪرڻو پوندو. هن چيو ته ماحولياتي تبديلي سان منهن ڏيڻ لاءِ فنڊنگ جو ڪو بهتر نظام هجڻ گهرجي ۽ ترقي پذير ملڪن کي گهٽ وياج تي قرض مهيا ڪيا وڃن ته جيئن قرضن جو بار گهٽجي سگهي. هن چيو ته محفوظ ادارن کي هٿي ڏيڻ ۽ نئين انفراسٽرڪچر جي تعمير ضروري آهي.

بقايا *** 04

ڪر گل پلازه کي ڊاهڻ لاءِ مختلف ڪمپنين کان بوليون طلب ڪري ورتيون آهن. عمارت کي ڊاهڻ واري ڪم جي شروعاتي قيمت 4 ڪروڙ رپيا مقرر ڪئي وئي آهي، جڏهن ته بوليون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 20 نومبر 2026 رکي وئي آهي. ايس بي سي اي پاران جاري اشتهار موجب خواهشمند ڪمپنين کان ٽيڪنيڪل ۽ مالي تجويزون الڳ الڳ طلب ڪيون ويون آهن. عمارت کي ڊاهڻ وارو ڪم اٿارٽي جي نگراني ۾ ڪيو ويندو. ايس بي سي اي جي ڊائريڪٽر ڊيموليشن موجب ٽيڪنيڪل ۽ سيڪيورٽي معيار پورو ڪندڙ ڪمپني کي ئي ترجيح ڏني ويندي ۽ ڪمپني کي عمارت ڊاهڻ جو تجربو حاصل هجي. ڪمپني کي معاهدي تحت مقرر مدي اندر عمارت ڪيرائي ڪم مڪمل ڪرڻو پوندو ۽ معاهدي موجب عمارت مان حاصل ٿيندڙ ملبو ۽ اسڪريپ ڪمپني پنهنجي وٽ رکي سگهندي. البته ملبي مان هٿ ايندڙ دڪاندارن جي سامان ۽ ٻين شين جي واپسي بابت فيصلو ڪمشنر ڪراچي ڪندو. ڪراچي جي ايم اي جناح روڊ تي واقع گل پلازه ۾ 17 جنوري 2026 جي رات باهه ٻري اٿي هئي. 8 هزار 128 چورس گز ايراضي تي پکڙيل هن عمارت ۾ هڪ هزار 153 کان وڌيڪ دڪان تباهه ٿي ويا هئا. باهه وسائڻ ۽ امدادي ڪارروايون ڪيترائي ڏينهن هليون ۽ هن سانحي ۾ درجنين ماڻهو فوت ٿيا. واقعي کان پوءِ جنوري ۾ قائم ڪيل ٽيڪنيڪل ڪميٽي عمارت کي ناقابل استعمال قرار ڏيندي ڊاهڻ جي سفارش ڪئي هئي. سنڌ حڪومت ان هنڌ تي نئين عمارت اڏڻ جي منصوبي جو اعلان به ڪري چڪي آهي.

بقايا *** 05

ڳالهائيندي سلمان اڪرم راجا چيو ته عليم خان جو غريب ڊرائيور ڪنهن به ڏوهه ڪانسواءِ جيل ۾ قيد آهي، اڄ هو هڪ ڀيرو ٻيهر عدالت مان انصاف وٺڻ آيا آهن. هن چيو ته هاڻي اهو چوڻ تي مجبور آهيون ته اهي عمارتون ۽ قانون هڪ ڌوڪو آهن، جيڪڏهن اهي سڀ گڏجي به هڪ قيديءَ تائين رسائي نٿا ڏياري سگهن ته پوءِ انهن جو ڪهڙو فائدو آهي؟ سلمان اڪرم راجا چيو ته آئين ۾ بنيادي حق ڏنل آهن، پر سوال اهو آهي ته اهي حق اڄ ڪٿي آهن؟ سندس چوڻ هو ته ڪاري قانون تحت ڏوهه ڪانسواءِ بيگناهه ماڻهن کي به ڏوهاري بڻايو پيو وڃي. هن چيو ته هو عدالتن ۾ ان مقصد سان اچن ٿا ته قوم کي مسلسل آگاهه ڪندا رهن. 26هين آئيني ترميم ڪانپوءِ سمورين آزادين ختم ٿي چڪيون آهن. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته عمران خان سان ملاقات ڪانسواءِ 28هين آئيني ترميم بابت ڪو به فيصلو نٿا ڪري سگهون. هن واضح ڪيو ته پي ٽي آءِ جو سوشل ميڊيا ملڪ کان ٻاهر آهي، ان سان سندن نه رابطو آهي ۽ نه ئي ان تي ڪو ڪنٽرول آهي.

بقايا *** 06

جي قانوني نظير جيڪڏهن قانون ۽ آئين سان هم آهنگ هجي ته ايف سي سي ان کي اختيار ڪري سگهي ٿي، ريويو جو دائرو اختيار انتهائي محدود ۽ مخصوص آهي فيصلي موجب ريويو رڳو رڪارڊ تي ظاهر ٿيندڙ غلطي يا اهڙي ڪوتاهي تائين محدود آهي جنهن سان انصاف جو قتل عام ٿئي، ريويو درخواست ڪيس تي ٻيهر بحث جو موقعو ناهي، عدالت ريويو ۾ ڪيس جي ٻيهر ٻڌڻي نٿي ڪري پر رڪارڊ تي ظاهر ٿيندڙ غلطي ڏسي ٿي قرار ڏنو ويو ته ريويو درخواستون معمول طور داخل ڪرڻ جي حوصلا شڪني ڪئي وڃي ٿي، ڏريون ۽ وڪيل رڳو حقيقي طور تي جائز بنياد موجود هجڻ تي ريويو درخواستون داخل ڪن، فضول يا بدنيتي تي ٻڌل ريويو درخواست تي گهٽ ۾ گهٽ 25 هزار رپيا خرچ عائد ڪري سگهجن ٿا.

بقايا *** 07

مدد ملندي هڪ بيان ۾ ميئر ڪراچي چيو ته بلدياتي نظام ۾ ڪا به خرابي ناهي ۽ نه ئي اختيارن جو ڪو مسئلو آهي. اصل ضرورت ڪم ڪرڻ جي دلچسپي ۽ عملي قدمن جي آهي هن چيو ته اسان پهل ڪئي ۽ ڪم ڪري ڏيکاريو آهي. هاڻي شهر جي هر ٽائون ۾ ترقياتي ڪم جاري آهن. جيڪي بلدياتي نظام جي ڪارڪردگي جو ثبوت آهن مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي جي 25 ٽائونز ۾ مختلف سياسي جماعتن جا نمائندا موجود آهن، جن ۾ پيپلز پارٽي، جماعت اسلامي ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف شامل آهن انهن موجب جماعت اسلامي جا 9 ۽ پي ٽي آءِ جا 3 ٽائونز آهن. شهر جي ست ئي ضلعن ۾ ترقياتي ڪم ٿيندي نظر اچي رهيا آهن ميئر ڪراچي چيو ته بلدياتي نظام ڪم ڪري رهيو آهي ۽ عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن اختيارن ۽ وسيلن جي کوٽ جو موقف اختيار ڪندڙن کي به هاڻي ڪم ڪندي ڏٺو پيو وڃي هن ڪراچي ۾ سيوريج ٽريٽمينٽ جي منصوبن جو ذڪر ڪندي چيو ته ماضي ۾ شهر ۾ سيوريج ٽريٽمينٽ جي سهولت نه هجڻ برابر هئي، البته شهرين سان ڪيل وعدي موجب هن شعبي ۾ ڪم ڪيو ويو آهي سندس موجب پاڪستان جو پهريون انڊسٽريل واٽر پارڪ عملي طور تي قائم ڪيو ويو آهي، جيڪو رڳو ڪاغذي منصوبو ناهي پر مڪمل ٿيندڙ عملي منصوبو آهي مرتضيٰ وهاب چيو ته انڊسٽريل واٽر پارڪ جي قيام ۾ قيادت جي مدد حاصل رهي، مسلم ليگ (ن) ۽ پنهنجي قيادت جي حمايت سان اهو منصوبو ممڪن ٿيو جڏهن ته چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ان جو افتتاح ڪيو.

بقايا *** 08

بورڊ جو پهريون اجلاس صوبائي وزير محمد بخش مهر جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس ۾ جنهن ۾ پاڪستان شگر ملز ايسوسيئيشن (پاسما) جا نمائندا شريڪ نه ٿيا اجلاس دوران آبادگار اڳواڻن ڪمند جو اگهه گهٽ ۾ گهٽ 650 رپيا في مڻ مقرر ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي صوبائي وزير محمد بخش مهر چيو ته شگر ملون 15 کان 20 نومبر تائين هلائڻ بابت سفارش صوبائي ڪابينا آڏو پيش ڪئي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته پاسما جي نمائندن کي خط لکي اجلاس ۾ شرڪت نه ڪرڻ بابت پڇاڻو ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 09

جي گنجائش کان وڌيڪ ٻار ويهارڻ تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي ڊائريڪٽوريٽ آف انسپيڪشن اينڊ رجسٽريشن آف پرائيويٽ انسٽيٽيوشنز طرفان ان حوالي سان خط جاري ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ نجي تعليمي ادارن کي حفاظتي هدايتن تي سختيءَ سان عملدرآمد ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي خط جي متن موجب، اسڪولي گاڏين لاءِ فٽنيس سرٽيفڪيٽ لازمي قرار ڏنو ويو آهي. جڏهن ته حفاظتي هدايتن جي پيچڪڙي جي صورت ۾ اسڪول انتظاميا خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا *** 10

ڏنگ خلاف 19 صنعتي ادارن پاران داخل درخواست نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) جي رپورٽ جي روشني ۾ اڪلائي ڇڏي نيپرا عدالت کي آگاهه ڪيو آهي ته ڪي اليڪٽرڪ کي اڻ اعلانيل، مقرر شيڊول کان هٽي ڪري ۽ ضرورت کان وڌيڪ لوڊشيڊنگ بند ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي، جڏهن ته درخواستگذارن جي علائقن ۾ اينڊ 3 کان 6 مهينن دوران لوڊشيڊنگ گهٽ يا ختم ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ لاءِ به چيو ويو آهي ٻڌڻي دوران نيپرا پاران رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪئي وئي ڊپٽي ڊائريڪٽر نيپرا ٻڌايو ته صنعتي ادارن جي شڪايتن تي فيصلو جاري ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 11

(جسقم شهيد بشير خان گروپ) طرفان ضلعي اوير جي مختلف علائقن جا دورا ڪيا ويا. جسقم شهيد بشير خان جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، آصف بالادي، پنهل ساريو، ڪامريڊ شبير راڄپر، حنان عباسي ۽ ٻين اڳواڻن جمالي پل، سڄل ڳوٺ، عبدالله شاهه غازي ۽ ٻين علائقن جا دورا ڪيا، جتي ڪارنر گڏجاڻيون به ڪوٺايون ويون. ان موقعي تي خطاب ڪندي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته سنڌ اسان جو تاريخي وطن آهي، جنهن جي پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ تهذيب آهي ۽ سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڪنهن به سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو هن چيو ته 22 نومبر تي ڪراچي ۾ شهيد بشير خان قريشي جي جلسن وانگر ماڻهن جو سمنڊ گڏ ڪري عوامي ريفرنڊم ذريعي اهو پيغام ڏنو ويندو ته سنڌ کي ڪڏهن به ورهائي نٿو سگهجي.

بقايا *** 12

سببن ۾ سڃاڻپ رڪارڊ ۾ تضاد، غير مستقل معلومات ۽ خانداني رڪارڊ ۾ اهڙا تفصيل شامل ٿي سگهن ٿا جيڪي موجود معلومات سان مطابقت نه رکن هڪ شهري پاران نادرا رڪارڊ موجود هجڻ باوجود مشڪوڪ ڪيٽيگري ۾ شامل ڪرڻ جي سببن بابت سوال جي جواب ۾ ترجمان نادرا سيد شباهت علي هڪ پوڊڪاسٽ ۾ ٻڌايو ته ڪن ڪيسز ۾ رڪارڊ جو جائزو وٺڻ دوران اهڙيون معلومات سامهون اچن ٿيون جن سان شهري جي سڃاڻپ رڪارڊ جي درستگي تي سوال پيدا ٿي سگهي ٿو ترجمان موجب ڪن معاملن ۾ رڪارڊ ۾ غير مستقل يا متضاد معلومات ملن ٿيون، جنهن سان شڪ پيدا ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن فرد پنهنجو رڪارڊ صحيح نموني حاصل نه ڪيو آهي يا ان ۾ ڪنهن مرحلي تي اهڙي تبديلي ڪئي وئي آهي جيڪا موجود معلومات سان مطابقت نٿي رکي هن ٻڌايو ته ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن شهري جو رڪارڊ اهڙي خاندان جي ماڻهن سان ڳنڍيل ملي ٿو جن سان سندس تعلق ثابت نٿو ٿئي اهڙي صورت ۾ لاڳاپيل خاندان جا ماڻهو پاڻ نادرا کي درخواست ڏئي سگهن ٿا ته سندن فيملي ٽري ۾ هڪ اهڙي شخص کي شامل ڪيو ويو آهي جنهن کي هو ڄاڻن به نٿا نادرا اختيارين موجب ڪنهن شهري کي مشڪوڪ ڪيٽيگري ۾ شامل ڪرڻ جو مطلب لازمي طور اهو ناهي ته سندس سڃاڻپ رڪارڊ غلط يا جعلي آهي، پر ڪن معاملن ۾ رڪارڊ ۾ موجود تضادن جي وڌيڪ جانچ ۽ وضاحت لاءِ اها ڪارروائي ڪئي ويندي آهي.

بقايا *** 13

ري جو اظهار ڪيو آهي پنجگور جي علائقي پروم جي رهواسي محمد حيات پنهنجي والد عبدالعزيز سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته سندس پاءُ شڪيل احمد 5 سال اڳ فتنه الهندستان نالي ڪالعدم تنظيم جي دولاب ۾ اچي گهر ڇڏي ويو هو هن ٻڌايو ته هڪ ڀيرو ڪوشش ڪري ڪيس سرينڊر به ڪرايو ويو پر هو ٻيهر تنظيم ۾ هليو ويو محمد حيات موجب 2 ڏينهن اڳ کين خبر پئي ته شڪيل احمد گوادر ۾ دهشتگردي جي ڪارروائي ڪندي سيڪيورٽي فورسز هٿان مارجي ويو آهي هن چيو ته سندن خاندان جو شڪيل احمد جي سرگرمين سان ڪو به تعلق ناهي ۽ پاءُ پاران غلط رستو اختيار ڪرڻ تي هو سخت شرمنده آهن هن ٻين والدين کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجن ٻارن جي سرگرمين تي نظر رکن ۽ کين تعليم ڏيارين محمد حيات چيو ته سندن خاندان پاڪستان جو وفادار آهي.

بقايا *** 14

ير علي کي ست سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي عدالت جوابدار کي 50 هزار رپيا ڏنڊ ادا ڪرڻ جو به حڪم ڏنو. جڏهن ته ڪيس ۾ اشتهاري جوابدار عباس جا دائمي وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا اي اين ايف جي پراسيڪيوٽر عبدالحنان موجب اينٽي نارڪوٽڪس فورس 2024 ۾ يوسف ڳوٺ بس ٽرمينل تي ڪارروائي دوران جوابدار شير علي کي گرفتار ڪيو هو ڪارروائي دوران جوابدار جي قبضي مان ٻه ڪلو آئيس برآمد ٿي هئي عدالت قرار ڏنو ته جوابدار جو وڪيل استغاثه پاران پيش ڪيل حقيقتن ۾ ڪو به تضاد ثابت نه ڪري سگهيو جنهن ڪانپوءِ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي.

بقايا *** 15

ظاهر ڪندي جي آءِ ٽي جي سربراهه ڊي آءِ جي عرفان بلوچ کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو ۽ ان کان وضاحت طلب ڪري ورتي عدالت جي آءِ ٽي سربراهه کي ايندڙ ٻڌڻي تائين جاچ آفيسر بابت وضاحت پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن ته ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 10 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي ٻڌڻي دوران ٻڌايو ويو ته پراڻي جاچ ٽيم ڪيس جو چالان جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت طلب ڪئي هئي. البته جڊيشل ڪميشن جي آءِ ٽي کي جاچ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ چالان پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي ٻئي پاسي ڪيس جي جاچ ڪندڙ ٽيم ڪيس ڊي آءِ جي عرفان بلوچ جي سربراهي ۾ قائم جي آءِ ٽي حوالي ڪري ڇڏيو آهي ڊي ايس پي سراج لاشاري موجب ڪيس بابت سمورو رڪارڊ جي آءِ ٽي حوالي ڪيو ويو آهي ۽ جي آءِ ٽي جو نمائندو عدالت ۾ پيش ٿي جاچ ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي کان آگاهه ڪندو پوليس ايجا تائين ڪيس جو حتمي چالان پيش نه ڪري سگهي، جڏهن ته عبوري چالان ۾ به ڪنهن به جوابدار کي نامزد نه ڪيو ويو هو.

بقايا *** 16

ن خان سان ملاقات لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي، پر اجازت نه ڏني وئي. پشاور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي بيرسٽر گوهر چيو ته بيرسٽر سيف جو اهو چوڻ بي بنياد آهي ته ملاقات جي آڇ باوجود هنن پي ٽي آءِ بانيءَ سان ملاقات نه ڪئي هن بيرسٽر سيف جي سمورن دعوائن کي رد ڪندي آنهن کي غلط قرار ڏنو هن چيو ته عمران خان سان ملاقات لاءِ عدالت ۽ ڳالهين سميت هر ممڪن رستو اختيار ڪيو، پر سمورين ڪوششن باوجود کين هڪ به ملاقات جي اجازت نه ملي. سندس چوڻ هو ته ڳالهين واري عمل دوران عمران خان تائين پهچ حاصل ڪرڻ به سندن شرطن مان هڪ هئي. واضح رهي ته خانگي ٽي وي چئنل جي پروگرام ۾ بيرسٽر سيف دعويٰ ڪئي هئي ته راجا ناصر عباس جا اسٽيبلشمينٽ جي اهم شخصيتن سان سڌيءَ ريت رابطا آهن، پر جيڪي رابطا عمران خان جي آزادي لاءِ نه آهن.

بقايا *** 17

وزارت جي دستاويزن موجب، جون 2024ع کان جون 2026ع تائين سنڌ جي پرڏيهي قرضن ۾ هڪ ارب 83 ڪروڙ 90 لک ڊالرن جو اضافو ٿيو، جنهن کانپوءِ صوبي جو پرڏيهي قرض 3 ارب 77 ڪروڙ 70 لک ڊالرن مان وڌي 5 ارب 61 ڪروڙ 60 لک ڊالر ٿي ويو رپورٽ موجب، ساڳئي عرصي دوران پنجاب جي پرڏيهي قرضن ۾ 37 ڪروڙ 60 لک ڊالر، خيبرپختونخواهه جي قرضن ۾ 59 ڪروڙ 50 لک ڊالر، جڏهن ته بلوچستان جي قرضن ۾ 3 ڪروڙ 30 لک ڊالرن جو اضافو ٿيو. پرڏيهي قرضن جي ڪُل رقم جي لحاظ کان پنجاب 6 ارب 40 ڪروڙ 20 لک ڊالرن سان سڀني صوبن کان اڳتي آهي، جڏهن ته سنڌ 5 ارب 61 ڪروڙ 60 لک ڊالرن جي قرض سان ٻئي نمبر تي آهي.

بقايا *** 18

گريڊنگ جي جديد تربيت فراهم ڪئي ويندي جنهن سان فلم انڊسٽري ۽ نجي شعبو به فائدو وٺي سگهندو. پي ٽي وي اڪيڊمي کي جديد تقاضائن موجب هڪ موثر ۽ مالي طور تي پائيدار تربيتي ادارو بڻايو ويندو هو پي ٽي وي اڪيڊمي جي بحالي لاءِ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو هو وفاقي سيڪريٽري اطلاعات اشفاق احمد خليل سميت وزارت اطلاعات جا سينئر عملدار به اجلاس ۾ موجود هئا اجلاس ۾ پي ٽي وي ڊراما اينڊ فلم اڪيڊمي جي بحالي، پي ٽي وي هوم جي ري وئمپنگ لاءِ تربيتي پروگرامن، جديد ٽيڪنيڪي سهولتن ۽ عملي تربيت تي ٻڌل مختلف ماڊلز جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ نجي شعبي جي اشتراڪ سان پي ٽي وي ڊراما اينڊ فلم اڪيڊمي لاءِ مختلف تربيتي ماڊلز پيش ڪيا ويا جن جو مقصد نوجوانن کي عملي تربيت فراهم ڪرڻ سان گڏ پي ٽي وي لاءِ آمدني جا نوان ذريعا پيدا ڪرڻ آهي اجلاس ۾ اڪيڊمي لاءِ جديد ڪلاس روم ۽ اسٽوڊيو ليب جي تياري، شاگردن لاءِ ورڪ اسٽيشنز جي تنصيب، ٽيڪنيڪي عملي ۽ ٽرينرز جي مقرري ۽ نصاب جي جوڙجڪ بابت معاملن جو به جائزو ورتو ويو اجلاس سان ڳالهائيندي وفاقي وزير اطلاعات چيو ته پي ٽي وي ڊراما اينڊ فلم اڪيڊمي جي بحالي ۽ پي ٽي وي هوم جي ري وئمپنگ حڪومت جي ميڊيا ۽ تخليقي صنعتن جي واڌاري جي عزم جو حصو آهي هن چيو ته پاڪستان ۾ پهريون پيرو ڪلر گريڊنگ جي جديد تربيت فراهم ڪرڻ وارو پروگرام شروع ڪيو پيو وڃي، ان کان اڳ هن شعبي ۾ تربيت ۽ جديد سهولتن جي حصول لاءِ پرڏيهه وڃڻو پوندو هو ڪلر گريڊنگ جي سهولت پاڪستان ۾ دستياب ٿيڻ سان فلم انڊسٽري ۽ نجي شعبي کي جديد ٽيڪنيڪي تربيت ۽ سهولتون جيڪي معيار جي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي عطا الله تارڙ چيو ته نجي شعبي جي ڀائيواري سان شفاف ۽ عملي پائلٽ پراجيڪٽ شروع ڪيو ويندو ته جيئن تربيتي پروگرامن کي صنعت جي ضرورتن سان هم آهنگ ڪري سگهجي هن چيو ته پي ٽي وي اڪيڊمي کي جديد تقاضائن موجب فعال ۽ موثر تربيتي ادارو بڻائڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا ويندا هن چيو ته نوجوانن کي فلم، ڊرامو ايڊيٽنگ، ڪلر گريڊنگ ۽ ڊجيٽل مواد جي تياري ۾ عملي مهارتون فراهم ڪرڻ اسان جي ترجيحن ۾ شامل آهي. اڪيڊمي ۾ جديد ايڊيٽنگ سوٽس، اسٽوڊيو ليب ۽ ٽيڪنيڪي اوزارن ذريعي شاگردن کي پيشورانه ماحول ۾ تربيت فراهم ڪئي ويندي هن چيو ته تربيتي پروگرامن ۾ ٿيوري سان گڏ عملي ڪم، پراجيڪٽ سازي ۽ پورٽ فوليو جي تياري تي به خاص ڌيان ڏنو ويندو هن چيو ته پي ٽي وي نيوز، پي ٽي وي هوم ۽ پاڪستان ٽيليويزن لاءِ نوجوانن جي تخليقي پراجيڪٽس جي حوصلا افزائي ڪئي ويندي. انهن قدمن سان پاڪستان جي فلم ۽ ڊراما انڊسٽري کي جديد ٽيڪنيڪي مهارتن، تربيت يافته افرادي قوت ۽ مقامي سهولتن جي فراهمي ۾ مدد ملندي وفاقي وزيرچيو ته پي ٽي وي اڪيڊمي کي هڪ موثر تربيتي مرڪز بڻائڻ سان گڏ مالي طور تي پائيدار ادارو بڻائڻ لاءِ به قدم کنيا ويندا.

بقايا *** 19

هاڻ انضمام ختم ڪرڻ جون تجويزون سامهون اچي رهيون آهن پر قبائلي علائقن جو اصل مسئلو آئيني نه پر اتي موجود معدني وسيلا آهن ڊجيٽل ميڊيا ورڪرز جمعيت فاٽا ڪنوينشن کي خطاب ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته قبائلي ضلعن جي انضمام کي لڳ ڀڳ ڏهه سال مڪمل ٿيڻ وارا آهن پر هن وقت تائين اتي بندوبستي علائقن جهڙو انتظامي نظام قائم نه ٿي سگهيو اعليٰ سطح تي کين ٻڌايو ويو آهي ته انضمام جو فيصلو غلط هو سوال اهو آهي ته اڳ انضمام جو فيصلو ڪنهن جي چوڻ تي ڪيو ويو ۽ هاڻ ان کي ختم ڪرڻ جون ڳالهيون ڪنهن جي اشاري تي ٿي رهيون آهن. اهو سڀ ڄاڻن ٿا هن چيو ته گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي جي لاڳو ڪرڻ کان اڳ به هو نشاندهي ڪندا رهيا آهن ته قبائلي علائقن ۾ اصل مسئلو معدني ذخيرن جو آهي اسان کي معدنيات جي ڳولا ۽ ترقي تي ڪو به اعتراض ناهي البته وسيلن بابت معاهدا عوام آڏو آندا وڃن هن دعويٰ ڪئي ته قيمتي پٿر آمريڪي عملدارن جي آفيسن ۾ پيش ڪيا ويا ۽ آمريڪي ان ڳالهه جو اعتراف به ڪري چڪا آهن ته هو ان معاملي ۾ اڳڀرائي ڪري رهيا آهن مولانا فضل الرحمان گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي جي نفاذ تي سوال اٿاريندي چيو ته اهي قدم دهشتگردي جي بيانيي جي بنياد تي کنيا ويا پر جيئن ئي گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ٿي، دهشتگردي جو شور به ختم ٿي ويو. هڪ ئي صوبي ۾ به الڳ نظام ڇو قائم ڪيا پيا وڃن؟ گورنر راڄ تحت گورنر ڪائونسل وزيراعظم جي ماتحت آهي جڏهن ته ايمرجنسي وارا ضلعا گهرو وزارت جي ماتحت آهن هن انڪشاف ڪيو ته ڪوهاٽ کي به ايمرجنسي وارن ضلعن ۾ شامل ڪرڻ جي تياري ڪئي پئي وڃي هن چيو ته ڪابينا جا فيصلا صدر مملڪت ڏانهن موڪليا ويا پر گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي جي نفاذ واري ڏينهن ڪابينا ۾ سندن ڳالهه تائين پيش نه ڪئي وئي اهڙين حالتن ۾ رياستي ادارن ۽ حڪمرانن تي ڪيئن اعتبار ڪيو وڃي؟ رياست جي ذميواري آهي ته قبائلي عوام جا خدشا ختم ڪري ۽ انهن جي وسيلن حوالي سان ڪيل معاهدا سامهون آڻي سياسي ماحول تي ڳالهائيندي جي يو آءِ سربراهه چيو ته الزام تراشي ۽ ڪردار ڪشي جي مهم سان سياسي ماحول خراب ڪيو پيو وڃي اسان جي اختلاف راءِ رکندڙ ماڻهو آهيون ۽ مذاڪرات تي يقين رکون ٿا انهن خلاف تشهيري مهم هلائڻ بدران سياسي ڳالهه ٻولهه ڪئي وڃي، انهن کي گاريون ڏيڻ ۽ انهن جي گهر، ڪچن ۽ جنريٽر پئنلن پوڻ سان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو، هو پنهنجي گهر اينڊڙ سمورن ماڻهن جو قدر ڪن ٿا خواجا آصف بابت ڳالهائيندي مولانا فضل الرحمان چيو ته هو سنڌس محترم ۽ وڏو پاءُ آهي، هن خواجا آصف کي رڳو ٿوري گڏگڏي ڪئي هئي پر ڪيس ڪاوڙ ٻئي ڏينهن آئي هن طنزيه انداز ۾ چيو ته ٻئي ڏينهن مڪو ڪنيو ته ان کي پنهنجي ئي ڇهري تي هٽڻ گهرجي ها چو ته مسلم ليگ (ن) ساڳئي ڏينهن ايوان ۾ ڪيس جواب ڏئي چڪيو هو. اسان تحمل جو مظاهرو ڪري رهيا آهيون البته جواب ڏيڻ اسان کي به اچي ٿو. هن چيو ته اسان وٽ وسيلا آهن ۽ اوهان وٽ ٽيڪنالاجي، ان ڪري ڪلي عام عوام آڏو اچو ۽ معاهدا ڪريو. گورنر طرفان ڪيس افغانستان وڃڻ جو مشورو ڏيڻ تي مولانا فضل الرحمان چيو ته جيڪڏهن ماضي ۾ اوهان به انگريزن جي ماتحت هئا ته پوءِ اوهان به برطانيا هليا وڃو مولانا فضل الرحمان چيو ته هو ملڪ ۾ صحتمند سياسي ماحول ڏسڻ چاهي ٿو ۽ لانگ مارچ جي معاملي تي مذاڪرات ذريعي مسئلو حل ڪرڻ جو طريقو خود وزيراعظم کيس ٻڌايو هو جڏهن ته تحريڪ انصاف آڏو به اها تجويز رکي وئي ته انهن به ان تي پنهنجو موقف اختيار ڪيو ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ضروري آهي ته رياست قبائلي عوام جا خدشا ختم ڪري ۽ کين پنهنجن وسيلن تي اعتماد ۾ وٺي.

بقايا *** 20

تگرديءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ واضح حڪمت عملي موجود آهي، جنهن جو هڪ اهم حصو پاڪستان اندر دهشتگردن ۽ انهن جي سمورن سهولتڪارن جو خاتمو آهي. هن چيو ته دهشتگرديءَ جا ڪجهه اهڙا مسئلا به آهن، جن کي ملڪ اندر ئي حل ڪرڻو پوندو ڊي آءِ ايس پي آر موجب، خيبرپختونخوا ۾ ڪو به ماڻهو دهشتگرديءَ خلاف آپريشنن جي مخالفت نٿو ڪري، جڏهن ته آپريشنن جي مخالفت ڪندڙن جا دهشتگردن سان لاڳاپا آهن. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته خيبرپختونخوا ۾ ڪنهن وڏي فوجي آپريشن بدران انٽيليجنس بنيادن تي ڪارروائيون ڪيون پيون وڃن. سيڪيورٽي فورسز روزانو لڳ ڀڳ 200 انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪن ٿيون، جن ۾ پوليس، فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ٻيا ادارا گڏجي حصو وٺن ٿا. ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پاڪستان جي سوچ پارٽ جهڙي ناهي، جو هر اندروني مسئلي کي ٻاهرين مسئلو قرار ڏنو وڃي. هن چيو ته پاڪستان ۾ ٿيندڙ سموري دهشتگرديءَ جو ذميوار رڳو افغانستان کي نٿو قرار ڏئي سگهجي، ها پر افغانستان اهو بنيادي مرڪز آهي، جتان پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ جون ڪارروايون ڪيون وڃن ٿيون ۽ جتي دهشتگردن جي قيادت، تربيتي ڪئمپون ۽ لانچ پيڊ موجود آهن. هن وڌيڪ چيو ته گذريل 20 سالن کان دهشتگرديءَ خلاف جنگ وڙهڻ سبب پاڪستان وٽ اهڙو تجربو آهي، جيڪو ڪنهن ٻئي ملڪ يا فوج وٽ ناهي. سندس چوڻ هو ته دهشتگرديءَ سبب سڀ کان وڌيڪ تڪليفون خيبرپختونخوا جي ماڻهن ڀوڳيون آهن. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري خيبرپختونخوا جي ماڻهن کي بهادر ۽ پاڪستاني سماج جو اهم حصو قرار ڏيندي چيو ته پشتون پنهنجي روايتن تي فخر ڪندڙ قوم آهي. هن چيو ته صوبي جا ماڻهو امن ۽ استحڪام جا حقدار آهن ۽ اهي ان جو مطالبو به ڪن ٿا. خيبرپختونخوا ۾ حڪومت جي تبديلي بابت سوال تي ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته اهو سياسي سوال آهي، جنهن جو جواب سياستدان ئي بهتر ڏئي سگهن ٿا، پر سندس خيال ۽ ڄاڻ موجب حڪومت جي تبديلي آئيني ۽ قانوني ضابطن تحت ٿي. بلوچستان بابت ڳالهائيندي ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته دهشتگرد پنهنجن آقائن جي اشارن تي صوبي جي ترقي ۽ ترقياتي منصوبن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. سندس چوڻ هو ته بلوچستان ۾ دهشتگرد مائننگ، ايل پي جي ٽرڪن، اسڪولن ۽ استادن کي به نشانو بڻائين ٿا. هن چيو ته دهشتگرد پلن ۽ ريلوي لائينن کي تباهه ڪرڻ جون ڪوششون به ڪن ٿا، جيئن معاشي سرگرميون معطل ٿي سگهن. سندس چوڻ هو ته مقامي ماڻهن کي روزگار ۽ معاشي سگهه ڏيندڙ هر شيءِ دهشتگردن جي نشاني تي آهي. ڊي جي آءِ ايس پي آر الزام هنيو ته بلوچستان جي اشرافيه عام ماڻهن کي غريب ۽ اڻپڙهيل رکي پنهنجو اثر رسوخ برقرار رکڻ چاهي ٿي، هن دعويٰ ڪئي ته دهشتگرد ۽ اشرافيه بلوچ عوام کي غربت ۽ پسماندگيءَ ۾ رکڻ چاهين ٿا، جيئن محروميءَ جو بيانيو برقرار رهي. سندس چوڻ هو ته بلوچستان ۾ دهشتگردن ۽ اشرافيه جو ڳانڍاپو آهي، ڇاڪاڻ ته ٻئي صوبي جي ترقيءَ جا مخالف آهن.

بقايا *** 21

ني ڪميٽي لاءِ پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم کان نالا گهري ورتا ذريعن موجب طارق فضل چوڌري چيف وهپ پيپلز پارٽي اعجاز جاکراڻي ۽ چيف وهپ ايم ڪيو ايم امين الحق کي خط لکي ڇڏيا ذريعن موجب نمائندگي جي تناسب سان ڪميٽي ۾ پيپلز پارٽي جا 5 ميمبر قومي اسيمبلي ۽ ايم ڪيو ايم جو هڪ ميمبر هوندو. جڏهن ته مسلم ليگ (ن) جا 9 ايم اين اي شامل هوندا ذريعن موجب طارق فضل چوڌري اسپيڪر جي خط جي روشني ۾ حڪومتي جماعتن کان پارلياماني ڪميٽي لاءِ نالا گهريا آهن.

بقايا *** 22

يوسفزئي پي ٽي آءِ قيادت کان بيرسٽر سيف کي شوڪاز ۽ شٽ اپ ڪال ڏيڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو بيرسٽر سيف جي اپوزيشن قيادت بابت بيان تي ردعمل ڏيندي اخونزاده حسين يوسفزئي چيو ته بيرسٽر سيف جي نوڪري هلي وئي آهي، ڪيس ڪو به لفٽ نٿو ڪرائي هن چيو ته بيرسٽر سيف جو پي ٽي آءِ سان ڪو به تعلق ناهي، بيرسٽر گوهر ۽ سلمان اڪرم راجا بيرسٽر سيف کي شوڪاز ۽ شٽ اپ ڪال ڏين اپوزيشن اتحاد جي ترجمان چيو ته بيرسٽر سيف ڪهڙي حوالي سان ڪوڙو پروپيگنڊا ڪري رهيو آهي، خيبر پختونخوا حڪومت کي غير آئيني طور ختم ڪيو ويو آهي هن چيو ته اسد قيصر ۽ اپوزيشن قيادت حوالي سان بيرسٽر سيف ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي، باني پي ٽي آءِ محمود اڇڪزئي ۽ علامه ناصر عباس تي اعتماد ڪيو باني پي ٽي آءِ جي هدايت ڪي نظر ۾ رکندي حڪمت عملي تيار ڪئي ويئي اخونزاده حسين يوسفزئي چيو ته حڪومت طرفان مذاڪرات حوالي سان ڪا به سنجيدگي نظر نٿي اچي، مذاڪرات اصولن جي بنياد تي ٿين، سرينڊر جي بنياد تي نه.

بقايا *** 23

ت، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته صدر آصف علي زرداري سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ جاري ترقياتي رٿائن، عوامي ڀلائي ۽ بهبود جي منصوبن جو جائزو وٺي رهيو آهي. صدر مملڪت روڊ رستي دوري دوران مختلف ترقياتي منصوبن جو پاڻ معائنو ڪري رهيو آهي. هڪ بيان ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته روڊن، آبپاشي، صحت ۽ تعليم جا منصوبا صدر آصف علي زرداري جي خاص ڌيان جو مرڪز آهن. لاڳاپيل وزير ۽ اختيارين صدر مملڪت کي جاري ترقياتي رٿائن ۽ عوامي ڀلائي جي منصوبن بابت بريفنگ ڏئي رهيون آهن. هن چيو ته دوري دوران صدر مملڪت ترقياتي رٿائن تي ڪم تيز ڪرڻ ۽ عوامي مسئلن جي فوري حل لاءِ هدايتون پڻ ڏنيون آهن. صدر مملڪت جي هدايتن موجب سمورن ضلعن ۾ ترقياتي عمل جاري آهي. شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته صدر آصف علي زرداري جي هدايتن جي روشني ۾ شهري توڙي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي.

بقايا *** 24

ضل الرحمان کي نوٽيس ڏيڻ حڪومتي هلڪي پڻ جو ثبوت آهي، حڪومت ڌمڪيون نه ڏئي، تفصيل سامهون آڻي. پارليامينٽ هائوس ٻاهر ميڊيا سان ڳالهائيندي عبدالغفور حيدري چيو ته مولانا فضل الرحمان جو گهر بي نامي آهي يا نيڪ نامي، حڪومت حقيقتون سامهون آڻي هن چيو ته گهرو وزير محسن نقوي سان اسان جو سٺو تعلق رهيو آهي، مان ۽ مولانا فضل الرحمان هن جي شادي تي به ويا هئاسين، هاڻ محسن نقوي کي خبر ناهي ڇا ٿي ويو آهي. مولانا عبدالغفور حيدري چيو ته اسان بغير پگهار جي ملڪ لاءِ قربانيون ڏئي رهيا آهيون، هن چيو ته پراڻي وقت ۾ ڪميشن جي 5 سيڪڙو ڏئي پارليامينٽ ميمبرن کي ترقياتي فنڊ ملندا هئا، هاڻ ته ڪميشن جي ريٽ ڪٿي مٿي هليو ويو هوندو، اسان سرڪاري ملازمن کان پڇندا هئاسين ته 5 سيڪڙو ڪميشن ڪهڙي شيءِ جي وٺي رهيا آهيو اهي چوندا هئا ته ڪاغذ پينسل لاءِ اها ڪميشن وٺي رهيا آهيون. اڳواڻ جي يو آءِ چيو ته اسان چوندا هئاسين ته فنڊز مان 5 سيڪڙو ڪٽي جان سان رڳو ڪاغذ پينسل ئي اچي ٿو.

بقايا *** 25

بندي يا ورهاست ناهي سڄي جماعت باني پي ٽي آءِ جي قيادت، نظريي ۽ مشن سان متحد آهي، پارٽي اڳواڻ ۽ ڪارڪن گڏيل مقصدن لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندا. اجلاس ۾ پي ٽي آءِ سياسي ڪميٽي ملڪ جي سياسي صورتحال، مهانگائي ۽ امن امان تي غور ڪيو. سياسي ڪميٽي قرار ڏنو ته وزيراعليٰ خيبر پختونخوا، اسپيڪر ۽ ٻين پارليامينٽيرينز جي حراست غير قانوني آهي، انهن کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي. جمهوري نمائندن کي حراست ۾ رکڻ جمهوري قدرن ۽ عوامي مينڊيٽ جي توهين آهي. پارٽي جي سياسي ڪميٽي چيو ته باني پي ٽي آءِ ۽ بشريٰ بي بي کي اسپتال منتقل ڪرڻ جي اطلاعن تي تشويش آهي.

بقايا *** 26

استعمال ڪري قانون کي بي اثر بڻائي رهيو آهي سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ وزير دفاع خواجه آصف چيو ته ڏسڪر ۾ ٿيندڙ واقعي جي جيتري مذمت ڪئي وڃي گهٽ آهي. هڪ ٽڪ ٽاڪر جنهن کي پتلو ڪي نالي سڏيو ويو پنهنجي شادي جي تقريب ۾ پئسن جي برسات جو اعلان ڪري رهيو هو. هن چيو ته اهو سڄو ڊرامو هن ٽڪ ٽاڪر وڌيڪ ڪمائي لاءِ ڪيو. علائقي جي غريب عوام جي غربت جو مذاق بڻايو ويو ۽ ڀڃ ڊڪ ۾ انساني جانيون ويون ۽ درجنين ماڻهو زخمي ٿيا. وزير دفاع چيو ته ٽڪ ٽاڪر مغرور آهي، قانون کي بي اثر بڻائي رهيو آهي ۽ رياست لاءِ زهر قاتل ثابت ٿي سگهي ٿو. اهي ٽڪ ٽاڪر ڪروڙين ته اربين ڪمائي رهيا آهن، ڇا ٽيڪس قانون انهن کي ريگيوليٽ ڪري رهيو آهي.

بقايا *** 27

جون 2024 کان جون 2026 دوران سنڌ جي پرڏيهي قرضن ۾ هڪ ارب 83 ڪروڙ 90 لک ڊالرن جو اضافو ٿيو، جنهن کان پوءِ مجموعي قرض وڌي 5 ارب 61 ڪروڙ 60 لک ڊالر ٿي ويو. دستاويز موجب جون 2024 ۾ سنڌ جو پرڏيهي قرض 3 ارب 77 ڪروڙ 70 لک ڊالر هو، جيڪو ٻن سالن دوران نمايان واڌ کان پوءِ جون 2026 تائين 5 ارب 61 ڪروڙ 60 لک ڊالر تائين پهچي ويو. انگن اکرن موجب پنجاب جي پرڏيهي قرض ۾ گذريل ٻن سالن دوران 37 ڪروڙ 60 لک ڊالرن جو اضافو ٿيو. جون 2024 ۾ پنجاب جو پرڏيهي قرض 6 ارب 2 ڪروڙ 60 لک ڊالر هو، جيڪو جون 2026 تائين وڌي 6 ارب 40 ڪروڙ 20 لک ڊالر ٿي ويو. ساڳئي عرصي ۾ خيبرپختونخوا جي پرڏيهي قرضن ۾ 59 ڪروڙ 50 لک ڊالر، جڏهن ته بلوچستان جي قرضن ۾ 3 ڪروڙ 30 لک ڊالرن جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا *** 28

علي پرويز ملڪ چيو ته عوام کي رليف ڏيڻ وزيراعظم جي ترجيح آهي. آئل ريفائنريز سان سڀاڻي ٿيندڙ اجلاس ۾ سمورن معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي. هن چيو ته آئل ريفائنريز جي سهڪار سان عوام کي پيٽرول 15 رپيا في ليٽر سستو فراهم ڪرڻ جي قابل ٿي سگهنداسين. هن موقعي تي عطا تارڙ چيو ته وزيراعظم جي سخت هدايتن سبب پيٽرول جي اگهن ۾ 15 رپيا واڌ ٿيڻ نه ڏني وئي. واضح رهي ته وفاقي حڪومت پيٽرول جي قيمت مقرر ڪرڻ جو فارمولو تبديل ڪري ڇڏيو آهي. پيٽروليم ڊويزن موجب، وفاقي ڪابينا نئين طريقيڪار جي منظوري ڏئي چڪي آهي. نئين طريقيڪار تحت حڪومت ۽ آئل ريفائنريز جي مقرر ڪيل قيمت وچ ۾ پيدا ٿيندڙ فرق سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرايو ويندو، جڏهن ته ان مان حاصل ٿيندڙ مالي فائدو پيٽرول جي قيمت ۾ گهٽتائيءَ جي صورت ۾ عوام تائين پهچايو ويندو. پيٽروليم ڊويزن موجب، ريفائنريز کي هدايت ڪئي وئي آهي ته ايندڙ 30 ڏينهن تائين پيٽرول جي قيمت مقرر ڪرڻ وقت پريميئم، ٻين خرچن ۽ ڪسٽم ڊيوٽي جي سطح 7 مارچ 2026ع واري بنياد تي برقرار رکي وڃي، جنهن کي ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگ کان اڳ واري صورتحال جو بنياد قرار ڏنو ويو آهي. ڊويزن موجب، درآمدي قيمت ۽ ريفائنري قيمت ۾ پيدا ٿيندڙ فرق پيٽروليم ليوي جي مد ۾ قومي خزاني ۾ جمع ٿيندو، جڏهن ته ان جي برابر رقم پيٽرول جي قيمت ۾ گهٽتائي ذريعي واپس عوام کي رليف طور ڏني ويندي.

بقايا *** 29

ن ڳالهائيندي بيرسٽر گوهر چيو ته باني پي ٽي آءِ سان ملاقات لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندا رهيا آهيون. بيرسٽر سيف جو اهو چوڻ بي بنياد آهي ته آڇ باوجود باني پي ٽي آءِ سان ملاقات نه ڪئي، انٽرويو ۾ بيرسٽر سيف جي سمورين دعوائن کي رد ڪريان ٿو. سندس سمورين دعوائن ڪوڙيون آهن هن چيو ته باني پي ٽي آءِ سان ملاقات لاءِ عدالت ۽ ڳالهين جي هر طريقي سان ڪوشش ڪئي، سمورين ڪوششن باوجود اسان کي هڪ به ملاقات جي اجازت نه ڏني وئي جڏهن ته ڳالهين واري عمل دوران عمران خان تائين رسائي به اسان جي شرطن مان هڪ هئي. واضح رهي ته بيرسٽر سيف دعويٰ ڪئي آهي ته راجا ناصر عباس اسٽيبلشمينٽ جي اهم ماڻهن سان سڌي رابطي ۾ آهن پر اهي رابطا عمران خان جي آزادي لاءِ ناهن.

بقايا *** 30

ن جي شهرڳ آهي ۽ صوبي جي ورهاڱي جو خواب ڏسندڙ بيوقوفن جي جنت ۾ رهن ٿا. انهن خيالن جو اظهار هن ٽنڊو محمد خان ۾ مير غلام علي پارڪ روڊ تي "سنڌ منهنجي ماءُ" جي عنوان سان منعقد ريلي کي خطاب ڪندي ڪيو. هن چيو ته ڪراچي جي بندرگاهه ۽ پورٽ قاسم دنيا سان سامان جي ترسيل ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. سڄي پاڪستان جي معاشي سرگرمين جو دارومدار ڪراچي تي آهي، پر سنڌ کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش دراصل سڄي پاڪستان جي معيشت کي متاثر ڪرڻ برابر آهي. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سندس جماعت پاڪستان سان گڏ آهي ۽ هو ملڪ ۾ ترقي، خوشحالي ۽ جمهوريت ڏسڻ چاهين ٿا، پر سنڌ خلاف ڪنهن به سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو. هن چيو ته صوبو قدرتي وسيلن سان مالا مال آهي ۽ ان جي وحدت تي ڪو به سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي. هن ٻڌايو ته 29 نومبر تي ڪراچي ۾ لکين ماڻهو گڏ ٿي سنڌ جي ممڪن ورهاڱي جي منصوبي کي رد ڪندا. ريلي کي ڊاڪٽر حميد ميمڻ، نصرت سحر، ڊاڪٽر احمد نوناري، گلزار سومرو، قادر بخش جڻ، هوت خان گاڏهي ۽ ضلعي اڳواڻن اقبال حاجاڻي، سارنگ شاهه سميت ٻين خطاب ڪيو.

بقايا *** 31

جي ٻار مهتاب جي قتل جي ڪيس ۾ ٻن جوابدارن کي شڪ جو فائدو ڏيندي بري ڪري ڇڏيو. عدالت جوابدار عارف حسين کي قتل جڏهن ته اعجاز کي سهولتڪاري جي الزام تان بري ڪرڻ جو حڪم ڏنو. عدالتي فيصلي ۾ قرار ڏنو ويو ته استغاثه فائرنگ ڪندڙ شخص جي سڃاڻپ ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام رهي. استغاثه جي شاهدن جوابدار عارف حسين کي فائرنگ ڪندڙ شخص طور سڃاڻي نه ڪئي، جڏهن ته مدعي جي بيان موجب هن رڳو فائرنگ جو آواز ٻڌو هو. عدالتي فيصلي موجب جاچ آفيسر به اعتراف ڪيو ته واقعي جو ڪو به اکين ڏٺو شاهد موجود نه هو. لائسنس يافته پستول جي ملڪيت مان اهو ثابت نٿو ٿئي ته اهو ئي هٿيار واردات ۾ استعمال ٿيو، جڏهن ته فرانزڪ رپورٽ ۾ به هٿيار ۽ خول جو تعلق ثابت نه ٿي سگهيو. وڪيل صفائي محمد الطاف موقف اختيار ڪيو ته جوابدارن خلاف ڪو به ثبوت موجود ناهي ۽ استغاثه جي شاهدن جي بيانن ۾ واضح تضاد موجود آهي. عدالت جوابدار جو لائسنس وارو پستول اپيل جي مدي ختم ٿيڻ کان پوءِ قانوني ڪارروائي ذريعي واپس ڪرڻ جو حڪم ڏنو. واضح رهي ته نومبر 2025 ۾ گهر ۾ موجود ننڍي ٻار مهتاب کي گولي لڳي هئي، جنهن جو ڪيس گلبرگ ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو هو.

بقايا *** 32

4 فرنچائزز آهن. هڪ جماعت پنهنجي چيئرمين، جنرل سيڪريٽري، اسپيڪر کي نٿي مڃي ته اسان کي ڪيئن مڃيندي. گورنر چيو ته اسان کي جنهن ڳالهه جي بريفنگ ڏني وئي، اسان متوجه ٿياسين. شهر ۾ صفائي جي حالت اهڙي آهي جو ملازم انهن جي گهرن ۾ نوڪري ڪري رهيا هئا يا گهر ويٺي پگهار وٺي رهيا هئا. هاڻ گهر ويٺي پگهار وٺڻ وارن خلاف ڪارروائي ٿيندي. فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي ته اسان ڳالهيون ڪريون، پي ٽي آءِ جون 4 فرنچائزز آهن، هڪ جماعت پنهنجي چيئرمين، جنرل سيڪريٽري، اسپيڪر کي نٿي مڃي، اهي ٻڌائين ته اوريجنل فرنچائز انهن جي ڪهڙي آهي؟ گورنر چيو ته سهيل آفريدي جي گرفتاري وارنٽ جا قانوني تقاضا پورا ڪيا ويندا.

بقايا *** 33

درخواست جي ٻڌڻي ٿي، جنهن دوران پوليس رپورٽ پيش ڪندي ٻڌايو ته شهري عبدالله ٽاٽي ايس آءِ يو جي هڪ ڪيس ۾ گرفتار آهي. درخواستگذار جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته عبدالله جي گمشدگي جو ڪيس آگسٽ ۾ داخل ڪيو ويو هو، جڏهن ته پوليس رپورٽ موجب سيپٽمبر ۾ سندس گرفتاري ظاهر ڪئي وئي.

بقايا *** 34

آهي. جڏهن ته وينن ۾ مقرر گنجائش کان وڌيڪ شاگرد ويهارڻ تي به پابندي هوندي. صوبائي وزير تعليم جي هدايتن تي کاتي اسڪولن کي حفاظتي حڪم نامو جاري ڪيو آهي، جنهن تحت اسڪول وينز ۾ غير محفوظ طريقي سان پيٽرول فراهم ڪرڻ تي پابندي لڳائي وئي آهي. بوتلن ۽ ڪينن ذريعي گاڏين جي انجڻ ۾ پيٽرول وجهڻ خطرناڪ عمل آهي. ان ڪانسواءِ اسڪول ٽرانسپورٽ لاءِ سنڌ حڪومت جو فٽنيس سرٽيفڪيٽ لازمي قرار ڏنو ويو آهي، جيڪو گاڏي ۾ موجود هجڻ گهرجي. تعليم کاتي خبردار ڪيو ته هدايتن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ اسڪول انتظاميا خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. شاگردن جي سلامتي تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو.

بقايا *** 35

۾ شهيد بشير خان جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، آصف بالادي، پنهل ساريو، ڪامريڊ شبير راڄپر، حنان عباسي ۽ ٻين اڳواڻن جمالي پل، سڄل ڳوٺ، عبدالله شاهه غازي ۽ ٻين علائقن جا دورا ڪيا، جتي ڪارنر گڏجاڻيون به ڪوٺايون ويون. ان موقعي تي خطاب ڪندي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته سنڌ اسان جو تاريخي وطن آهي، جنهن جي پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ تهذيب آهي. سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڪنهن به سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو. هن چيو ته 22 نومبر تي ڪراچي ۾ شهيد بشير خان قريشي جي جلسن وانگر ماڻهن جو سمنڊ گڏ ڪري عوامي ريفرنڊم ذريعي اهو پيغام ڏنو ويندو ته سنڌ کي ڪڏهن به ورهائي نٿو سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 01

ي اڳواڻ وسيم عمر جي ذريعي سندس عزيز دوستن تائين پهچايو ويو. جنهن کي وصول ڪندڙن پنهنجي لاءِ اعزاز ۽ روحاني خوش نصيبي قرار ڏنو. تفصيل موجب اي ڊبليو ٽريولز جي مالڪ ارشد مڪي ڀاءُ محبت، خلوص ۽ عقيدت جي جذبي تحت غلافِ ڪعبه سان منسوب هڪ ناياب ۽ يادگار تبرڪ پنهنجي عزيز دوستن لاءِ تحفي طور پيش ڪيو. اهو بابرڪت تحفو سماجي اڳواڻ وسيم عمر جي هٿان رمضان چوهان، بابر پانڌي ۽ اعجاز عبدالشڪور کي ڏنو ويو. ان موقعي تي تحفو وصول ڪندڙ دوستن خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته غلافِ ڪعبه سان منسوب تبرڪ ملڻ سندن لاءِ انتهائي يادگار ۽ فخرجوڳو لمحو آهي. هنن ارشد مڪي ڀاءُ جا دل جي گهراين سان ٿورا مڃيندي چيو ته سندس محبت ۽ خلوص سان ڏنل هي تحفو هميشه هڪ خوبصورت ياد طور محفوظ رهندو. هنن سماجي اڳواڻ وسيم عمر جا پڻ ٿورا مڃيا، جنهن هي بابرڪت تحفو کين پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ان موقعي تي دوستن وچ ۾ محبت، ڀائيچاري ۽ هڪٻئي لاءِ عزت ۽ احترام جي جذبن جو پڻ اظهار ڪيو ويو. آخر ۾ سمورن دوستن دعا ڪئي ته الله پاڪ هن مقدس تبرڪ کي سڀني لاءِ خير، برڪت، رحمت ۽ خوشين جو ذريعو بڻائي. ارشد مڪي ڀاءُ سميت سمورن دوستن کي صحت ۽ سلامتي عطا فرمائي ۽ سڀني کي بار بار بيت الله شريف جي حاضري نصيب فرمائي. آمين

بقايا عوامي سوچ 02

گهر ۾ گهڙي ڪري ڌرتي بخش رتو ۽ سندس پوڙهي والد کي لٺين ۽ ڏنڊن سان سخت تشدد جو نشانو بڻائي سخت زخمي ڪري ڇڏيو. جنهن سان ڌرتي بخش رتو جي سر تي گهرا زخم آيا ڳوٺ وارن ٻنهي زخمين کي فوري طور تي ٿاڻي ڪيٽي بندر پوليس ۽ پوءِ مڪلي سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪيو. جتي سندن علاج جاري آهي متاثر ڌرتي بخش رتو اپيل ڪئي آهي ته "مان ڳوٺ پابيون جو غريب ماڻهو آهيان. منهنجو ڪير به پڇڻ وارو ناهي. منهنجي مدد ڪئي وڃي. مونکي انصاف ڏياريو وڃي" غريب خاندان جي وزيراعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٺٽي کي انصاف جي اپيل اسين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪريون ٿا ته غريب خاندان جي مدد ڪئي وڃي ۽ جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 03

ضايع ٿيڻ تي پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي اقليتي ميمبر قومي اسيمبلي ۽ اقليتي ڪاڪس جي اڳواڻ نيمل ڪماري گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي فوت ٿيل جسونت ڪمار، ڏينو، اسحاق ٽيهو سميت ٻين ماڻهن جي وارثن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ ايم اين اي نيمل ڪماري ڊانو ڏانڊل پهچي حادثي ۾ فوت ٿيل جسونت ڪمار جي گهرياتين سان ملاقات ڪئي. سندن ڏک ۾ شريڪ ٿي ۽ سوڳوار خاندان کي آٿت ڏني. بعد ۾ هوءَ ڳوٺ موکي پهتي، جتي اسحاق ٽيهو جي وارثن ۽ ٽيها برادري سان پڻ تعزيت ڪندي افسوسناڪ واقعي تي گهري ڏک ۽ رنج جو اظهار ڪيو ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي. نيمل ڪماري بوڊر ديو جي ڳوٺ پهچي حادثي ۾ فوت ٿيل پنجن ڄڻن جي وارثن، جن ۾ چيتن، امولڪ ۽ هيمير جا گهرياتي پڻ شامل هئا، سان ملاقات ڪري سندن ڏک ۾ برابر جي شريڪ ٿي. ان موقعي تي هن چيو ته هي انتهائي دردناڪ سانحو آهي. جنهن ڪيترن ئي خاندانن کي اجاڙي ڇڏيو آهي. هن افسوسناڪ حادثي جو ڏک لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ناهي. بظاهر اهو واقعو انتظامي غفلت جو نتيجو معلوم ٿئي ٿو. جنهن جي سمورن پهلوئن جو جائزو وٺڻ ضروري آهي. هن چيو ته هوءَ هن افسوسناڪ واقعي بابت لاڳاپيل اختيارين سان ڳالهائيندي. جيئن ذميوارن جو تعين ٿي سگهي ۽ مستقبل ۾ اهڙن حادثن جي روڪٿام لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. ان موقعي تي ايم اين اي نيمل ڪماري مطالبو ڪيو ته پي پي ايڇ آءِ انتظاميا واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبداراڻي جاچ ڪرائي. غفلت جا ذميوار عنصرن جي نشاندهي ڪري انهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ مستقبل ۾ اهڙن حادثن کان بچڻ لاءِ سمورن صحت مرڪزن ۽ ايمبولينسن ۾ حفاظتي انتظامن کي يقيني بڻايو وڃي. هن دعا ڪئي ته ڀڳوان وڇڙي ويل روحن کي پنهنجن چرنن ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ سوڳوار خاندانن کي هي ناقابل تلافي صدمو برداشت ڪرڻ جي همت ۽ حوصلو ڏئي. جڏهن ته زخمين کي جلد صحتيابي نصيب ٿئي. ان موقعي تي رتن امباڻي سميت ٻيا معزز شخصيتون پڻ ساڻس گڏ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 04

خاص ڊاڪٽر سنديپ ڪمار، ضلعي پوليو پروگرام جو فوڪل پرسن ڊاڪٽر نارائڻ داس، ضلعي پوليو ڪنٽرول پروگرام جو فوڪل پرسن ڊاڪٽر وحيد رحماني، ڊبليو ايڇ او ڊاڪٽر عالم آزاد ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر موجود هئا. ميرپور خاص، پوليو مهم ۾ پوليو ٽيمون سموري ڊويزن ۾ گهر گهر وڃي پيدائش کان وٺي پنجن سالن تائين جي سڀني ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارينديون. ميرپور خاص، پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ٽرانزٽ پوائنٽس، موبائل ٽيمون، ايريا انچارج، يو سي ايم اوز مقرر ڪيا ويا آهن. ميرپور خاص.. ضلعي ميرپور خاص ۾ 3 لک 9 هزار کان وڌيڪ ٻارڙن کي پوليو مرض کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 05

حترام، مذهبي جوش ۽ جذبي سان منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مومنن ڪرام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري بارگاهِ سيد ۾ پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو. مجلسِ عزا کي خطاب ڪندي مولانا فدا حسين فردوسي حضرت بي بي فاطمه الزهرا جي سيرتِ مبارڪ، فضائل ۽ مناقب سان گڏ سندن مظلومانه مصائب تي روشني وڌي. هن چيو ته حضرت سيدة جي پاڪيزه زندگي، صبر، استقامت ۽ حق تي ثابت قدم رهڻ سڄي امت لاءِ مشعلِ راهه آهي. ان موقعي تي زوار جمن حيدري بارگاهِ اهلِ بيت ۾ عقيدت ڀري قصيده خواني ڪئي. جڏهن ته مجلس جي نظامت جا فرض سيد نويد شاهه بهترين نموني سرانجام ڏنا. مجلس دوران فضائل ۽ مصائبِ اهلِ بيت بيان ڪيا ويا. جڏهن ته شرڪت ڪندڙ مومنن پرسه پيش ڪري شهزادي ڪونين حضرت فاطمه الزهرا سان پنهنجي والهاڻي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو. آخر ۾ ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، اتحادِ بين المسلمين، عالمِ اسلام جي سربلندي ۽ سمورن مومنن جي خيريت ۽ عافيت لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

بقايا عوامي سوچ 06

سجاول: صدر آصف علي زرداري راشدي فارم جي دوري بعد مهراڻ ايگريڪلچر فارم جو دورو ڪندو. صوبائي وزير علي حسن زرداري ۽ پ پ اڳواڻ عاشق حسين زرداري صدر سان گڏ آهن. صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي ۽ پ پ اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ صدر جا ميزبان هوندا. صدر آصف علي زرداري مهراڻ زرعي فارم تي ڪجهه وقت گذارڻ بعد ٽنڊوالهيار روانو ٿيندو. صدر جي آمد جي موقعي تي ضلعي ۾ سيڪيورٽي جا سخت انتظام. پوليس جي وڏي نفري مقرر

بقايا عوامي سوچ 07

کي سخت پريشان ڪيو پيو وڃي، جنهن سبب هوءَ پنهنجي نوجوان نياڻي ۽ معصوم ٻارن سميت سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهي آهي. احتجاج ڪندڙ عورت جو الزام آهي ته سندس گهر واري معاملي ۾ مبينا طور ڪراچي ۽ ٻين علائقن سان تعلق رکندڙ ڪجهه ماڻهن جي مداخلت آهي. جنهن سبب هوءَ مسلسل پريشان آهي. مريم ملاح ڊي سي ٺٽو ۽ لاڳاپيل انتظامي عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، سندس گهر ۽ خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڌر طرفان غيرقانوني طور تنگ ڪيو پيو وڃي ته ان خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 08

ي ڏني ويئي آهي. ان کي پڻ بهتر طريقي سان نيائي تنظيم کي اڃان به وڌيڪ مضبوط ڪري پارٽي جي پيغام کي هر هنڌ پهچايو ويندو. جماعت اسلامي ٺٽي جي امير عبدالله آدم گندرو چيو ته ملڪ ۾ مهنگائي، بيروزگاري، بدامني عوام جو جيئڻ جنجال بنائي ڇڏيو آهي. غريب ماڻهون مهنگائي ڪري سخت پريشان آهي. هن گهر ڪئي ته مهنگائي تي ڪنٽرول ڪري عوام کي رليف مهيا ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 09

دي کي پريس ڪلب جي باقاعده ميمبرشپ ڏني وئي آهي. ان موقعي تي پريس ڪلب جي قيادت پاران جنيد احمد پيرزادي کي ميمبرشپ ملڻ تي مبارڪباد پيش ڪندي سندس لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو. اڳواڻن اميد ظاهر ڪئي ته هو صحافتي اصولن، اخلاقي قدرن ۽ پيشاورانه ذميوارين کي نظر ۾ رکندي صحافت جي ميدان ۾ مثبت ۽ ذميواراڻو ڪردار ادا ڪندو. جڏهن ته اداري جي وقار، اتحاد ۽ ساک کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۾ پڻ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو. ان موقعي تي ايوان صحافت پريس ڪلب جو سرپرست اعليٰ نظير احمد قريشي، صدر علي اڪبر دلواڻي، سينيئر نائب صدر انيس هيلايو، خزانچي لالا شعيب، ميمبر واحد شورو، ثاقب ڀٽي، جهانگير دلواڻي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 10

فيضياب ازمير ويلفيئر فائونڊيشن جي تحت 1 نومبر 2026ع تي رمضان لاسي ڳوٺ چمن ڪالوني، ملير ڪوڪراپار ڪراچي ۾ هڪ عظيم الشان مفت ميڊيڪل ۽ تشخيصي ڪئمپ جو ڪاميابيءَ سان انعقاد ڪيو ويو. ڪئمپ جو بنيادي مقصد علائقي جي رهواسين ۽ مستحق ماڻهن کي سندن ئي در تي معياري ۽ مفت طبي سهولتون فراهم ڪرڻ هو ميڊيڪل ڪئمپ دوران 750 کان وڌيڪ مريضن کي مفت او پي ڊي (OPD) مشاورت ۽ معائنو فراهم ڪيو ويو. جڏهن ته الٽراسائونڊ جي ماهر ڊاڪٽر عبدالله بن زبير 150 مريضن جا مفت الٽراسائونڊ ٽيسٽ (جن ۾ هول ايڪسري/ايبڊومن، پيلوس، KUB ۽ FWB شامل آهن) ڪيا. انهن تشخيصي ٽيسٽن ذريعي ڪيترن ئي مريضن ۾ لڪل بيمارين جي بروقت نشاندهي ممڪن ٿي سگهي. ڪئمپ ۾ ماهرن تي مشتمل طبي ٽيم پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏنيون، جن ۾: ڊاڪٽر عمر (آرٿوپيڊڪ اسپيشلسٽ) ڊاڪٽر رشيد (جنرل فزيشن) ڊاڪٽر حباب اعجاز (ايمرجنسي ميڊيسن اسپيشلسٽ) ڊاڪٽر ثانيا (خاتون جنرل فزيشن ۽ گائنيڪالاجسٽ) * ڊاڪٽر ياسمين ضياء (سينيئر گائنيڪالاجسٽ، جنهن عورتن لاءِ خاص طبي مشاورت فراهم ڪئي) مريضن جي مڪمل ڏيک ڀال کي يقيني بڻائڻ لاءِ فائونڊيشن پاران سڀئي تجويز ڪيل دوائون مڪمل طور تي مفت ۾ ڏنيون ويون. ان کان علاوه، هڪ الڳ ايمرجنسي ڪيئر ايريا پڻ قائم ڪيو ويو هو جتي ضرورت مند مريضن کي فوري طور IV ڊرپس ۽ رڳن ۾ انجيڪشن (Intravenous Injections) جي سهولت ڏني وئي. ازمير ويلفيئر فائونڊيشن جي باني ۽ چيئرمين عابد علي ۽ وائيس چيئرمين ڊاڪٽر رشيد ميڊيڪل ڪئمپ جو دورو ڪرڻ تي سياسي و سماجي شخصيت ۽ 'دي هيلپ ڊولپمينٽ سوسائٽي' جي چيئرمين محمد سليم خميساڻي، پيپلز پيراميڊيڪل اسٽاف ملير جي صدر سليم جي ميمڻ، سوشل ايڪٽيوسٽ حسيب حسين نوڙيو، صحافي عنايت قمبراڻي، عابد عباسي، ويسٽ پريس ڪلب جي فائنانس سيڪريٽري موسيٰ چنا، سينيئر صحافي نجيب خاصخيلي، گڏاپ پريس ڪلب جي نائب صدر گلشير باريجو ۽ آل پاڪستان صحافت ڪائونسل جي جنرل سيڪريٽري سلمان قادر جو ڪئمپ ۾ استقبال ڪيو ۽ کين مريضن جي حوالي سان تفصيلي معلومات فراهم ڪئي. ازمير ويلفيئر فائونڊيشن جي انتظاميا ڪئمپ کي ڪامياب بڻائڻ تي سڀني ڊاڪٽرن، پيراميڊيڪل اسٽاف، رضامندن (رضاڪارن) ۽ معاونن جو شڪريو ادا ڪندي اهو عزم ظاهر ڪيو ته بلا تفريق انسانيت جي خدمت ۽ عام ماڻهوءَ تائين صحت جي سهولتن جي رسائيءَ جو هي سفر اڳتي به جاري رهندو

بقايا عوامي سوچ 11

ڊپٽي ڪمشنر دادو ۽ آبپاشي انجنيئر جي آفيسن دادو اڳيان ڌار ڌار علامتي بک هڙتال ڪري احتجاجي مظاهرا ڪيا. ان موقعي تي آبادگارن سڄڻ ڀيڙ، ميهر گاڏهي، واحد بخش جسڪاڻي، عبدالخالق جسڪاڻي، حميد جسڪاڻي ۽ ٻين چيو ته جوهي برانچ جي پهوڙو ۽ پٽوڙو شاخن ۾ پاڻي نه هجڻ سبب هزارين ايڪڙ زرعي زمينون بنجر بڻجي ويون آهن. جنهن ڪري آبادگار ۽ هاري سخت معاشي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. هنن آبپاشي کاتي جي عملدارن تي الزام هڻندي چيو ته آبپاشي انجنيئر ۽ ايس ڊي او بااثر ۽ من پسند ماڻهن کي پاڻي فراهم ڪري رهيا آهن. جڏهن ته عام آبادگارن ۽ هارين کي پنهنجي حصي جو پاڻي به نٿو ڏنو وڃي. پاڻيءَ جي کوٽ سبب فصل تباهه ٿيڻ سان گڏ آبادگارن جا معاشي وسيلا به ختم ٿي رهيا آهن. احتجاج ڪندڙ آبادگارن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، وڏي وزير سنڌ، صوبائي وزير آبپاشي، لاڳاپيل اختيارين، ايم اين اي رفيق احمد جمالي، ايم پي اي سيد صالح شاهه ۽ پيپلز پارٽي جي قيادت کي اپيل ڪئي ته معصوم ٻارڙن ۽ متاثر آبادگارن جي حالت تي رحم ڪندي پهوڙو ۽ پٽوڙو شاخن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جو فوري نوٽيس وٺي پاڻي فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي. آبادگارن خبردار ڪيو ته جيستائين کين زرعي پاڻي فراهم ڪرڻ جي خاطري نه ڪرائي ويندي، تيستائين سندن احتجاج جاري رهندو. هنن وڌيڪ چيو ته پاڻي نه ملڻ سبب سندن گذر سفر ناممڪن بڻجي ويو آهي ۽ هو انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿي سگهن ٿا.

بقايا عوامي سوچ 12

، صحافي عظيم باريجو تي قاتلاڻي حملي، گهرن کي مسمار ڪرڻ ۽ عورتن جي مبينا بي حرمتي وارن واقعن ۾ ملوث ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي جي مطالبن جي حق ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ، جنرل سيڪريٽري گلن پند، صحافي سرور جلال سولنگي، عوامي فورم جي ضمير ڪوريجو ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته دلشير برفت جي قتل جو واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي. حڪومت ۽ پوليس واقعي ۾ ملوث اصل جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻين. هنن چيو ته صحافي عظيم باريجو تي قاتلاڻي حملي، گهرن کي مسمار ڪرڻ ۽ عورتن جي مبينا بي حرمتي وارن واقعن ۾ ملوث عنصرن خلاف به بنا ڪنهن فرق جي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. مقررن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کان مطالبو ڪيو ته ڪوٽڙي واقعي جي غيرجانبدار عدالتي جاچ ڪرائي وڃي، جيئن واقعي جا سمورا اصل حقيقتون سامهون اچي سگهن ۽ ذميوارن کي بي نقاب ڪري انصاف جا تقاضا پورا ڪيا وڃن. هنن وڌيڪ چيو ته برفت باريجا تڪرار ۾ پوليس جو مبينا طور هڪ ڌر بڻجڻ ڳڻتي جوڳو آهي. پوليس کي غيرجانبدار ڪردار ادا ڪندي ٻنهي ڌرين جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻائڻ گهرجي. احتجاج ڪندڙن سنڌ جي باشعور عوام، سماجي اڳواڻن ۽ امن پسند ڌرين کي اپيل ڪئي ته برفت باريجا تڪرار ختم ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن. جيئن وڌيڪ انساني جانيون ضايع ٿيڻ ۽ مالي نقصان کان بچي سگهجي ۽ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بحال ٿي سگهي

بقايا عوامي سوچ 13

عوام پاران اسپتال جي خراب صورتحال ۽ صحت جي سهولتن بابت ڪيترائي اهم مسئلا سامهون آندا ويا. اسپتال ۾ ليڊي ڊاڪٽر موجود نه هجڻ، مريضن ۽ عملي لاءِ واش روم جي سهولت موجود نه هجڻ، عملي توڙي مريضن جي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي موجود نه، مريضن کي گهربل دوائون مناسب نموني فراهم نه ڪرڻ، اسپتال جي مجموعي حالت انتهائي خراب هجڻ، اسپتال ڏانهن ويندڙ روڊ ٽٽل ۽ زبون حال هجڻ، مناسب علاج نه ملڻ سبب فوتگين جا واقعن ۾ مجموعي طور واڌ سميت اسپتال مان مريضن کي وڏي انگ ۾ ٻين اسپتالن ڏانهن ريفر ڪرڻ بابت انيڪ شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا. ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي پنهنجي موقف ۾ عوامي شڪايتن کي درست قرار ڏيندي چيو ته اسپتال ۾ ضرور ڪجهه ڪوتاهيون موجود آهن. جن کي درست ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته عوام پاران نشاندهي ڪيل مسئلن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ۽ انهن کي حل ڪرڻ ضروري آهي. هن وڌيڪ چيو ته هن اسپتال ۾ روزانو تقريباً 2500 مريضن جو معائنو ڪيو وڃي ٿو. جيڪا هڪ مثبت ڳالهه آهي. ان کان علاوه هتي ڊليوري جا ڪيس پڻ وڏي انگ ۾ اچن ٿا. ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي وڌيڪ ٻڌايو ته تازو پيش آيل افسوسناڪ واقعي جي انڪوائري جاري آهي. انڪوائري جو مقصد واقعي جي اصل سببن ۽ ذميوارن جو تعين ڪرڻ آهي، ته جيئن مستقبل ۾ اهڙو ڪو به افسوسناڪ واقعو پيش نه اچي. عوام جا اهم مطالبا ڪڏهن مڃيا ويندا ڪا خبر ڪانهي! علائقي جي عوام جو مطالبو آهي ته اسپتال ۾ بنيادي صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن. ڊاڪٽرن ۽ عملي جي موجودگي يقيني بڻائي وڃي. دوائن جي کوٽ ختم ڪئي وڃي ۽ اسپتال ڏانهن ويندڙ روڊ جي فوري مرمت ڪرائي وڃي. جيئن غريب ۽ لاچار مريضن کي بهتر علاج پنهنجي علائقي ۾ ئي ملي سگهي

بقايا عوامي سوچ 14

اطلاع تي ڪارروائي ڪندي ٻن انتهائي مطلوب گٽڪا ماوا فروشن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس ترجمان موجب گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ علي عرف دانش ولد ٻوٽا ۽ فيصل ولد ياسين جي نالن سان ٿي آهي. گرفتار جوابدارن جا نالا انتهائي مطلوب جوابدارن جي فهرست / آءِ آر لسٽ ۾ شامل هئا. جيڪي گهڻي وقت کان پوليس کي مطلوب هئا. گرفتار جوابدارن جي قبضي مان تيار ٿيل صحت لاءِ هاڃيڪار گٽڪا ماوا ۽ وڪري مان حاصل ڪيل رقم پڻ برآمد ڪئي وئي آهي. جوابدارن خلاف سنڌ گٽڪا ماوا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 15

ٽ برساتون پوڻ سبب ٿرپارڪر ۾ ڏڪار جهڙي صورتحال ۽ عوام کي درپيش معاشي توڙي سماجي مسئلن بابت سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي آگاهه ڪندي ضلعي کي باقاعده ڏڪار ستيل _ (Affected Area_Drought) قرار ڏيڻ لاءِ تفصيلي خط لکي ڇڏيو آهي. وڪيل ڪندن مالهي وزيراعليٰ هائوس ڪراچي پهچي سنڌ جي وڏي وزير جي خاص معاون ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي سان ملاقات ڪري وڏي وزير کي لکيل خط پيش ڪيو جنهن ۾ ٿرپارڪر جي موجوده صورتحال کان آگاهه ڪندي متاثر عوام جي فوري مدد ۽ هنگامي بنيادن تي امدادي اپاءَ وٺڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي. خط ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ٿرپارڪر ضلعي ۾ هن سال دوران معمول کان گهٽ برساتن سبب ڏڪار جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ خاص طور تي غريب، پورهيت ۽ پسمانده طبقا سخت متاثر ٿي رهيا آهن. برساتن جي کوٽ سبب زرعي فصلن جي پوک ۽ پيداوار متاثر ٿيڻ سان گڏ زمينن ۾ پاڻي جي کوٽ، پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي ۽ مالوند ماڻهن لاءِ چوپائي مال جي چاري جا مسئلا پڻ شدت اختيار ڪري ويا آهن. خط موجب ڏڪار واري صورتحال سبب هزارين خاندانن جي معاشي حالت متاثر ٿي رهي آهي. جڏهن ته ڪيترن ئي علائقن ۾ روزگار جا وسيلا محدود ٿيڻ ڪري ماڻهن جي لڏپلاڻ جا خدشا پڻ وڌي ويا آهن. چوپائي مال جي پالنا سان لاڳاپيل ماڻهو به سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. جنهن سبب ٿر جي سماجي ۽ معاشي زندگي تي خراب اثر پئجي رهيو آهي. سنڌ جي وڏي وزير کي لکيل خط ۾ ست اهم مطالبا پيش ڪندي درخواست ڪئي آهي ته ٿرپارڪر ضلعي کي فوري طور ڏڪار ستيل علائقو قرار ڏئي، سرڪاري ٽيمن ذريعي متاثر علائقن جو تفصيلي سروي ڪرايو وڃي، پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي لاءِ هنگامي بنيادن تي بندوبست ڪيو وڃي، متاثر ۽ مستحق خاندانن کي ڪٽڪ سميت ضروري امداد فراهم ڪئي وڃي، چوپائي مال جي تحفظ لاءِ مفت چارو، دوائون ۽ ويٽرنري سهولتون ڏنيون وڃن، متاثر آبادگارن ۽ مالوند ماڻهن کي بنا وياج قرض، مالي سهائتا ۽ ٻيون ضروري سهولتون فراهم ڪيون وڃن، جڏهن ته ضلعي سطح تي هنگامي امدادي پروگرام شروع ڪري متاثر آبادي تائين امداد پهچائڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن کي واضح هدايتون جاري ڪيون

بقايا عوامي سوچ 16

ٽ سائوٿ محظور علي جي حڪمن جي روشني ۾ ڊفينس پوليس قيوم آباد واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪندي گٽڪا ماوا فروشي ۾ ملوث هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو پوليس ترجمان موجب گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ پهلوان ولد هستي خان جي نالي سان ٿي آهي. پوليس ذريعن موجب گرفتار جوابدار جو نالو آءِ آر لسٽ ۾ به درج ٿيل هو. جوابدار جي قبضي مان هڪ ڪلو گٽڪا ماوا ۽ 80 پيڪٽ آداب هٽ ڪيا ويا. گرفتار جوابدار خلاف ڪيس ايف آءِ آر نمبر 864/2026، بجرم دفعه 8(i) گٽڪا ماوا ايڪٽ* تحت داخل ڪيو ويو آهي. جوابدار کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي ۽ جاچ لاءِ انويسٽيگيشن ونگ حوالي ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 17

ٽ ايوان صحافت ميرپورخاص پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته ٻه سال اڳ ٻوٽا پنجابي نالي زميندار سندن مائٽن کي وياج تي 6 ڳاٻا ڏنا هئا، جنهن جي رقم وصول نه ٿيڻ تي هو سندن گهر آيو ۽ کين رقم جي وصولي لاءِ پاڻ سان گڏ هلڻ جو چيو، پر کين خبر نه هئي ته کين پوليس حوالي ڪيو ويندو. هنن الزام هنيو ته ٻوٽا پنجابي کين ڌوکي سان گهران وٺي وڃي ميرواهه پوليس حوالي ڪري ڇڏيو. جتي سندن ٻه ماڻهو ميرمحمد لاشاري ۽ راشد لاشاري لاڪپ آهن. هنن چيو ته سندن مائٽ ٽنڊو آدم ۾ رهائش پذير آهن. جڏهن ته هو پاڻ مذڪوره شخص جي ڏيتي ليتي جا ضامنتي به ناهن. تنهن باوجود ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪرائڻ سراسر ناجائزي آهي. متاثر ڌر جو چوڻ هو ته هو زميندار آهن ۽ علائقي جا ڪجهه بااثر ماڻهو جن ۾ ٻوٽا پنجابي به شامل آهي. سندن زرعي زمين خريد ڪرڻ چاهين ٿا. جنهن سبب کين مبينا طور دٻاءَ ۾ آڻڻ لاءِ اهڙا حربا استعمال ڪيا پيا وڃن. هنن وڌيڪ چيو ته هو سيد علي نواز شاهه ۽ امتياز جا ووٽر آهن. جڏهن ته معاملي بابت کين پڻ آگاهه ڪيو ويو، پر اجا تائين ڪو به کڙ تيل نه نڪتو آهي. متاثر عورت گلشاد لاشاري ۽ سندس ڀاءُ اياز علي صوبائي وزير سيد ذوالفقار شاهه، ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص سميت ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي ميرواهه ٿاڻي تي گرفتار سندن ٻنهي ماڻهن کي آزاد ڪرائي کين انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 18

منشيات جو ڪم ڪندو هو. پر جڏهن کان منشيات خلاف سختي ٿي آهي، تڏهن کان سندس منشيات سان پري پري تائين ڪو واسطو ناهي رهيو. هن چيو ته سندس گهر سيٽلائيٽ ٽائون ۾ آهي ۽ حد جي سيٽلائيٽ ٽائون پوليس کيس بار بار تنگ ڪري رهي آهي. هن الزام هنيو ته نويد ۽ وليد کيس نقصان پهچايو آهي، جڏهن ته سوشل ميڊيا تي ڪجهه سماجي ڪارڪن اجا تائين سندس وڊيوز رکي وائرل ڪري رهيا آهن ۽ مٿس اجايا الزام لڳائي رهيا آهن. نعيم احمد عرف نما وڌيڪ چيو ته وٽس انهن ماڻهن جون رڪارڊنگون موجود آهن. هن الزام هنيو ته محمد نويد کيس بنا جواز منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث ڄاڻائي منشيات جي نالي تي ماهوار رقم وصول ڪرڻ چاهين ٿا. هن ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کي هٿ ٻڌي اپيل ڪئي ته سندس معاملي جو نوٽيس وٺي کيس انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته هاڻي سندس منشيات جي ڪاروبار سان ڪو به واسطو ناهي.

بقايا عوامي سوچ 19

ن جا دورا ڪري مهم تحت جاري سرگرمين جو جائزو ورتو. دوري دوران ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس ايس پي بدين پير چوڪ، پيرُو اسٽيشن اسٽاپ ۽ تعلقه اسپتال تلهار سميت مختلف هنڌن تي قائم فڪسڊ ۽ ٽرانزٽ ويڪسينيشن پوائنٽن جو معائنو ڪيو. ان موقعي تي هنن پوليو ٽيمن جي موجودگي، ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ واري عمل ۽ مهم دوران فراهم ڪيل سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو. جڏهن ته لاڳاپيل آفيسرن کان تفصيلي بريفنگ پڻ حاصل ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر بدين ۽ ايس ايس پي بدين انسدادِ پوليو مهم جي اثرائتي نگراني، ويڪسينيشن جي عمل کي منظم نموني جاري رکڻ ۽ سيڪيورٽي انتظامن کي يقيني بڻائڻ تي زور ڏنو. دوري دوران ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر بدين ڊاڪٽر ممتاز علي چانڊيو، اسسٽنٽ ڪمشنر تلهار جهامن داس، ايس ايڇ او ٿاڻو تلهار انسپيڪٽر مقبول احمد نوتڪاڻي، انچارج ڊي آءِ بي انسپيڪٽر محمد خان سومرو سميت ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 20

هر ڪئي آهي. ان موقعي تي عليشا پنهنجي مڙس ميثم عباس جمالي سان گڏجي پريس ڪانفرنس چيو آهي ته سال اڳ سنيپ چيٽ جي ذريعي منهنجو رابطو ميثم عباس سان ٿيو جنهن کان پوءِ اسان هڪٻئي کي پسند ڪرڻ لڳاسين جڏهن ته ڪجهه ڏينهن اڳ مان پنهنجي مرضيءَ سان گهران نڪري ميثم عباس جمالي سان لاڙڪاڻي جي عدالت معرفت پسند جو پرڻو ڪيو جنهن کان پوءِ مظفر چانڊيو، ياسين گوپانگ سميت نامعلوم ماڻهن مڙس مٿان منهنجي اغوا جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جن مان اسان کي جان جو خطرو آهي. هن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، آءِ جي سنڌ، ڪراچي پوليس جي چيف سميت ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف ڪاروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 21

ڪرڻ جو الزام. متاثر خاندان جو انصاف لاءِ اعليٰ اختيارين کي اپيل 05 مئي 2026ع جي رات هٿياربند جوابدارن گهر ۾ داخل ٿي گهرڀاتين کي يرغمال بڻائي کين ٻڌي ڇڏيو ۽ هٿيارن جي زور تي گهر مان قيمتي سامان، سونا زيور، ڪل 6 تولا سون، جنهن ۾ گهر ڀاتين پاران پاتل 2 تولا سون پڻ شامل هو. جڏهن ته هڪ لک رپيا روڪ رقم ۽ ٻيو گهريلو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا متاثر خاندان موجب واقعي بعد فوري طور لاڳاپيل ٿاڻي تي اطلاع ڏنو ويو. پر پوليس سندن صرف اين سي داخل ڪري ڇڏي ۽ ايف آءِ آر داخل نه ڪئي. متاثرن جو چوڻ آهي ته هو جوابدارن مان هڪ کي سڃاڻن ٿا ۽ ان بابت پڻ پوليس کي آگاهه ڪيو ويو، پر ان باوجود پوليس ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي. متاثر خاندان اعليٰ پوليس اختيارين ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي، جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڦريل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 22

ٻيا زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي پرويز علي ميراڻي فوت ٿي ويو ٻي پاسي سنگرار روڊ تي شاهو ناڪي ڀرسان ڊاٽسن ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر سبب موٽر سائيڪل سوار اصغر علي پٽ سڪندر علي منگريو ۽ اسد علي ڪوسو زخمي ٿي پيا هوڏانهن پهرين حادثي جي زخمين جي وارثن دانهيندي چيو ته چوهارامنڊي اولپر روڊ ڪيترن ئي مهينن کان ٽٽل آهي پر ضلعي انتظاميا پاران مرمت لاءِ ڪي به اثرائتا قدم ناهن کنيا ويا. هنن مطالبو ڪيو ته روڊ جي فوري مرمت ڪرائي وڃي ته جيئن انساني جانيون ضايع ٿيڻ کان بچايون وڃن

بقايا عوامي سوچ 23

فيميل ٽيچرز شاگرديائين ۽ ٻي اسٽاف وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سيمينار کي خطاب ڪندي ضلعي صلاحڪار آفيسر ۽ رٽائرڊ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج سليم رضا بلوچ چيو ته ڪم واري هنڌ عورتن کي هراسان ٿيڻ کان تحفظ وارو قانون 2010ع ۾ پارليامينٽ پاران منظور ڪيو ويو. جنهن جو مقصد ڪم ڪندڙ عورتن کي هراسان ٿيڻ کان تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ ادارن ۾ باوقار ماحول کي يقيني بڻائڻ آهي هي ايڪٽ سمورن سرڪاري توڙي خانگي ادارن تي هڪ جيترو لاڳو آهي ڪم واري هنڌ هراسان ڪرڻ هڪ سنگين مسئلو آهي. جيڪو ڪنهن ساٿي ملازم، آفيسر يا اداري سان لاڳاپيل ڪنهن به شخص طرفان ٿي سگهي ٿو. هن چيو ته عورتن کي ڪم واري هنڌ محفوظ، باوقار ۽ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ قانوني حقن ۽ شڪايت جي طريقيڪار بابت آگاهي انتهائي ضروري آهي هن چيو ته ضلعي بدين ۾ مختلف آگاهي پروگرام منعقد ڪري ماڻهن. خاص طور تي عورتن کي سندن قانوني حقن بابت وڌ کان وڌ آگاهي ڏني پئي وڃي سليم رضا بلوچ چيو ته هراسان ڪرڻ جا مختلف روپ ٿي سگهن ٿا، جن ۾ جنسي نوعيت جو رويو، نازيبا يا توهين آميز لفظ، اڻ وڻندڙ پيغام، لکيل يا اليڪٽرانڪ پيغام، نامناسب اشارا، ڌمڪيون يا اهڙو ڪو به رويو شامل آهي، جيڪو ڪم واري هنڌ ڪنهن شخص جي عزت، وقار يا تحفظ کي متاثر ڪري يا ڪا عورت پنهنجي اداري ۾ بهترين ڪم ڪري ٿي پوءِ به ان کي اپريشيٽ نه ڪرڻ به هه جي زمري ۾ اچي ٿو هن چيو ته اهڙي رويي کي برداشت ڪرڻ بدران متاثر شخص کي پنهنجا قانوني حق استعمال ڪندي شڪايت داخل ڪرائڻ گهرجي هن چيو ته سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن لاءِ ضروري آهي ته قانون تحت پنهنجي اداري ۾ انڪوائري ڪميٽي قائم ڪن. شڪايت وصول ٿيڻ بعد الزام هيٺ آيل شخص کي قانون موجب نوٽيس جاري ڪيو ويندو ۽ کيس پنهنجو موقف پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. هن واضح ڪيو ته الزام هيٺ آيل شخص طرفان جواب نه ڏيڻ جي صورت ۾ به قانون موجب ڪارروائي جاري رکي سگهجي ٿي ۽ انڪوائري ڪميٽي پنهنجي رپورٽ لاڳاپيل سربراهه ڏانهن اماڻيندي. هن وڌيڪ چيو ته اهڙن ڪيسن جي ڪارروائي رازداري سان ڪئي ويندي ته جيئن شڪايت ڪندڙ کي سماجي يا اداري واري دٻاءَ کي منهن نه ڏيڻو پوي ضلعي صلاحڪار آفيسر ٻڌايو ته ڏوهه ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ قانون تحت معافي، وارننگ، انڪريمنٽ روڪڻ، ترقي يا ٽائيم اسڪيل مقررمدي تائين روڪڻ ۽ متاثر شخص کي معاوضو ڏيڻ سميت مختلف سزائون ڏئي سگهجن ٿيون. جڏهن ته سنگين نوعيت جي ڪيسن ۾ عهدي ۾ گهٽتائي، جبري رٽائرمينٽ ۽ ملازمت مان برطرفي جهڙيون سخت سزائون پڻ لاڳو ٿي سگهن ٿيون هن عورتن تي زور ڏنو ته هو هراسان ڪرڻ جي ڪنهن به واقعي تي خاموش نه رهن ۽ قانوني طريقيڪار تحت شڪايت داخل ڪرائن. هن چيو ته خاموشي سان اهڙي عمل جي حوصلا افزائي ٿي سگهي ٿي، تنهن ڪري عورتن کي پنهنجي حقن کان آگاهه ٿيڻ سان گڏ انهن حقن جي استعمال لاءِ به اڳتي اچڻ گهرجي هن وڌيڪ ٻڌايو ته جيڪڏهن ڪنهن اداري ۾ قانون تحت انڪوائري ڪميٽي قائم نه ڪئي وئي هجي ته ان بابت لاڳاپيل فورم تي شڪايت داخل ڪري سگهجي ٿي. جڏهن ته قانون جي ڀڃڪڙي جي صورت ۾ ڏنڊ پڻ لاڳو ٿي سگهي ٿو هن چيو ته شڪايت ڪندڙن کي قانوني مدد فراهم ڪرڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي ليڊي وڪيلن جي سهولت پڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي. جڏهن ته آن لائن شڪايت داخل ڪرڻ لاءِ به سهولت ۽ طريقيڪار موجود آهي ضلعي صلاحڪار سليم رضا بلوچ خبردار ڪيو ته ڪوڙي شڪايت داخل ڪرڻ جي صورت ۾ قانون موجب شڪايت ڪندڙ خلاف پڻ ڪارروائي ٿي سگهي ٿي. هن چيو ته قانون جو بنيادي مقصد رڳو سزا ڏيڻ نه، پر ڪم واري هنڌ تي محفوظ، باوقار ۽ هراسان ڪرڻ کان پاڪ ماحول کي يقيني بڻائڻ آهي هن وڌيڪ چيو ته پوليس کي گهرجي ته جتي به نياڻين جا تعليمي ادارا آهن انهن جي ٻاهران اوباش نوجوانن کي بيهڻ نه ڏي سيمينار ۾ ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون، پرنسپل پيپلز اسڪول مهوش سومرو، ايڊووڪيٽ عمير رضا بلوچ، ذيشان چنا، اياز ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 24

۾ اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي عُروَ الوُثقيٰ مختلف علائقن جا دورا ڪري پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ۽ گهر گهر وڃي ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ واري عمل جي نگراني ڪئي دوري دوران هن پوليو ورڪرن کان مهم بابت تفصيل معلوم ڪيا ۽ هدايتون ڏنيون ته ڪا به اهڙي ڪوشش نه ڇڏي وڃي جنهن سان پنجن سالن تائين جو ڪو به ٻار پوليو کان بچاءَ جي ڦڙن کان محروم رهجي وڃي ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي عُروَ الوُثقيٰ چيو ته ڪمشنر سکر ۽ ڊپٽي ڪمشنر سکر جي هدايتن تي انسداد پوليو مهم جي باقاعده نگراني ڪئي پئي وڃي جڏهن ته انتظاميا پاران ميدان ۾ ڪم ڪندڙ پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي تي پڻ نظر رکي پئي وڃي ته جيئن مهم جا مقرر ڪيل هدف حاصل ڪري سگهجن هن چيو ته پوليو ٽيمون گهر گهر پهچي پنجن سالن تائين جي ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ وارو قومي فرض سرانجام ڏئي رهيون آهن ان سان گڏ اهڙن والدين کان پڻ پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي جيڪي ڪنهن سبب ڪري پنهنجن ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار ڪن ٿا اهڙن والدين کي پوليو جي موذي مرض بابت آگاهي ڏئي ٻارن جي صحت ۽ مستقبل جي تحفظ لاءِ ڦڙا پيارڻ تي راضي ڪيو پيو وڃي اسسٽنٽ ڪمشنر وڌيڪ چيو ته پوليو جو خاتمو رڳو سرڪاري ادارن جي ذميواري نه. پر ان لاءِ والدين، سماجي اڳواڻن ۽ معاشري جي هر فرد کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هن والدين کي اپيل ڪئي ته هو پنجن سالن تائين جي هر ٻار کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا ضرور پيارين ۽ پوليو ٽيمن سان مڪمل سهڪار ڪن هن چيو ته ٻارن کي پوليو کان محفوظ رکڻ لاءِ گڏيل ڪوشش، عوامي سهڪار ۽ اثرائتي نگراني ذريعي ئي هن موذي مرض جو خاتمو ممڪن بڻائي سگهجي ٿو انتظاميا جو مقصد آهي ته مهم دوران ڪو به ٻار پوليو کان بچاءَ جي حفاظتي ڦڙن کان محروم نه رهي

بقايا عوامي سوچ 25

صيتن چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي پرزور اپيل ڪئي آهي ته پارٽي جي سينيئر ترين، ديرينه ۽ وفادار اڳواڻ، اڳوڻي ميمبر سنڌ اسيمبلي ۽ درگاهه ڊرب مهر شاهه جي سجاده نشين سينيئر ايڊووڪيٽ پير سيد محمد بچل شاهه جيلاني کي صوبائي اسيمبلي جي ٽڪيٽ ڏني وڃي. اڳواڻن جو چوڻ هو ته پير سيد محمد بچل شاهه جيلاني اتر سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جو هڪ ايماندار، بي داغ، انتهائي مخلص ۽ عوام دوست شخصيت آهي، جنهن جي سموري سياست خدمت، سچائي ۽ عوامي اعتماد جي چوڌاري گردش ڪري ٿي. هنن چيو ته پير محمد بچل شاهه سنڌ حڪومت جي سهڪار سان ڪنگري ۽ گمبٽ تعلقن ۾ 50 کان 60 ترقياتي اسڪيمن جي شروعات ڪري تاريخ رقم ڪئي آهي. روڊن جي تعمير ۽ مرمت، تعليم، صحت، نڪاسي آب، پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ ڀهراڙيءَ جي پڪن روڊن سميت سندس ڪوشش سان هزارين خاندانن جي معيار زندگي ۾ نمايان بهتري آئي آهي. جنهن کي عوام وڏي پيماني تي ساراهيو رهيو آهي. اڳواڻن ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ ادي فريال ٽالپور جو مڪمل اعتماد حاصل هجڻ ۽ تڪ ۾ سمورا ترقياتي ڪم سندس ذاتي ڪوشش سان شروع ٿيڻ باوجود پير سيد بچل شاهه کي هن وقت تائين صوبائي ڪابينا ۾ شامل نه ڪيو ويو آهي. جنهن تي وڪيل برادري، مريدن ۽ سياسي ڪارڪنن ۾ بي گهري جي لهر وڌي رهي آهي م. درگاهه ڊرب ميهر شاهه جي سجاده نشين جي حيثيت سان پير سيد محمد بچل شاهه جيلاني کي زندگي جي هر طبقي ۾ عزت ۽ انتهائي احترام حاصل آهي. سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان جي چئني طرفن ۾ سندس مريدن جو وڏو تعداد موجود آهن. عوام کيس هڪ ايماندار، مخلص، بي باڪ ۽ صاف سچو اڳواڻ طور ڏسندا آهن جيڪو خوشين ۽ ڏکن ۾ پنهنجن ماڻهن جي وچ ۾ هميشه موجود رهي ٿو. عوام مطالبو ڪيو ته پير محمد بچل شاهه جيلاني کي وڏي وزير سنڌ جو صلاحڪار مقرر ڪيو وڃي ته جيئن ضلعي خيرپور ۾ ترقي جو سفر وڌيڪ تيز ڪري سگهجي. ساڳئي وقت هنن سڀني جو چوڻ هو ته گذريل عام چونڊن ۾ پير سيد بچل شاهه 54 هزار کان وڌيڪ ووٽ حاصل ڪيا هئا ۽ کيس عوام جو واضح مينڊيٽ حاصل هو. پر فارم 47 ۾ مبينا بي ضابطگين سبب کيس کٽڻ کان محروم ڪيو ويو. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نظريي سان غير گهري وابستگي، پارٽي سان ڪيترن ئي ڏهاڪن تي مشتمل وفاداري، ديانتدار ڪردار ۽ عوامي خدمت جي جذبي پير سيد محمد بچل شاهه جيلاني کي عوام جي دلين ۾ هڪ خاص مقام عطا ڪيو آهي. هنن اعتماد ظاهر ڪيو ته جيڪڏهن کيس صوبائي اسيمبلي جي ميمبر ۽ سنڌ حڪومت جي حصي طور موقعو ڏنو ويو ته هو ساڳي جذبي، ايمانداري، ۽ خدمت جي جذبي سان خيرپور جي عوام جي خدمت جاري رکندو

بقايا عوامي سوچ 26

صدارت نامياري محقق ' شاعر مزاح نگار خاور قبولائي ڪئي ' جڏهن ته خاص مهمانن ۾ ناليوارو شاعر ' مزاح نگار ' محقق ' اداڪار رجب آزاد ' ناليوارو شاعر ' اديب ' ڪهاڻيڪار امر اقبال ' مزاح جو پلوڙ شاعر وفا منظور چوهاڻ ' مزاح جو بادشاهه شاعر ' اداڪار مير صوبدار سعيد ' محقق ۽ شاعر عبدالغني مهر' شاعر' مزاح نگار محمود سومرو هيا ' آيل مهمانن کي آجياڻو سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي آڊيٽر مرتضيٰ1 قل ڏنو' لطيف جي وائي سالار سنڌي ۽ راشد پريمي پيش ڪئي ' هن ڪانفرنس ۾ مزاح ۽ مزاح جي تاريخ تي تحقيقي مقالا خاص مهمان رجب آزاد اسڪالر خاوند ڏنو لاڙڪ ' دريا خان شنباڻي پيش ڪيا ' رجب آزاد پنهنجي تحقيقي مضمون ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جي مزاحيا شاعري ڪندڙ شاعرن جي مزاح تي ڪيل ڪم جي تفصيل سندن ڪيل شاعري سان گڏ پيش ڪئي جيڪا هڪ مزاح جي شاعرن متعلق جامع معلومات آهي ' جڏهن ته امر اقبال ادب ۾ مزاح جي اهميت بابت ڄاڻ ڏني وفا منظور چوهاڻ سنڌ خصوصي طور شڪارپور جي مزاح نگارن جي شاعري ۽ سندن ڪيل ڪم تي تفصيلي روشني وڌي عبدالغني مهر ' مير صوبدار سعيد ' محمود سومرو مزاحيا شاعري جي ادب ۾ اهميت ٻڌائڻ سان گڏ پنهنجي مزاحيا شاعري پيش ڪئي ' ڪانفرنس جي صدارت ڪندڙ ناليواري شاعر محقق ڏاهي خاور قبولائي ادب ۾ مزاح جي اهميت ٻڌائڻ سان گڏ ادب جي ترويج ۽ اهڙن ڪانفرنسن جي ڪرڻ تي زور ڏنو ۽ ادب جي تاريخ تي روشني وڌي ۽ پنهنجا تازا نوان نڪور مزاحيا نظم ۽ غزل پيش ڪيا ـ هن ڪانفرنس ۾ ڪيترن ئي شاعرن پنهنجي مزاحيا شاعري پيش ڪئي انهن ۾ منظور خاموش ' شاهد چانڊيو پيارو اسٽيشن دادو ' عبدالحيي ساگر لقماني 'عابد سنڌي شڪارپور ' آفتاب ڀٽو ' ڊاڪٽر قربان گل چنو ' عنايت پنهيار ' نويد سنڌي ' سڪندر جويو ' ضمير ڏيسي ' ثريا سرهاڻ گل' عرس پنيرو ۽ ٻيا شامل هيا جڏهن ته هن مزاح ڪانفرنس ۽ مشاعري ۾ خيرپور سميت پوري سنڌ مان ادبي علمي سماجي شخصيتن صحافين ' وڪيلن تمام گهڻي تعداد ۾ شرڪت ڪئي انهن ۾ لالڻ چنو ' سجاد ميراڻي ' شڪيل ملڪ' مور خان مهر " روشن شيخ' آزاد انصاري ' ذوالفقار ستاري ' وفا حاڪم وساڻ ' ضمير سهتو ' منظور شر ' فاتح ميراڻي ' ظهير سومرو ' بنگل گهمرو الطاف سنڌي ' ضمير ڏيسي ' چيزل جامڙو ' عاجز ابڙو ' گلڻ جامڙو ' ڪفايت گل ' شاهنواز ڪلهوڙو' احمد ڀٽو ' ڪليم الله شيخ 'فقير قليو' شيردل ' گل بانو ٻرڙو ' آسيا ٻرڙو عابد رضا چنا ' عبد الرحيم جوٽيجو محبتي مهيسر ' الطاف راجا ' شوڪت ناشاد ' راشد پريمي مبين اڇڻ ' نديم اسير مغل ' لطيف ڏنو چانڊيو ' امتياز مهيسر ' نثار جلباڻي ضمير ڏيسي نسيم لاڙڪ ' بلاول سومرو' فيروز خاصخيلي شامل هيا جڏهن ته هن ڪانفرنس ۾ مزاح تي نمايان ڪم ڪندڙ شاعرن اديبن خاور قبولائي ' رجب آزاد ' عبدالغني مهر ' وفا منظورچوهاڻ ' محمود سومرو کي مزاح جو سفير جا ايوارڊ ڏنا ويا 'آخر ۾ آيل مهمانن جو شڪريو سنڌ ايجوڪيشنل فورم جي چيئرمين محمد طارق مهيسر ادا ڪيو ـ سموري ڪانفرنس جي ڪاروائي سنڌي ادبي سنگت ضلع خيرپور جي رابطہ سيڪريٽري ظهير لاڙڪ ۽ محمد اسحاق چانڊيو هلائي.

بقايا عوامي سوچ 27

عالمي زرعي مارڪيٽن ۾ هڪ مؤثر مقام ڏيڻ لاءِ ان سلسلي ۾، قومي فوڊ سيڪيورٽي ۽ ريسرچ جي وزارت، واپار جي وزارت ۽ صوبائي حڪومتون باهمي تعاون ۽ سهڪار سان ڪم ڪري رهيون آهن. هن کي انفراسٽرڪچر، ڪاروباري ترقي ۽ نجي شعبي جي سيڙپڪاري ۾ 25 سالن کان وڌيڪ تجربو آهي. امتياز انٽرپرائزز جي سربراهه جي حيثيت سان، هن عالمي مارڪيٽن ۾ پاڪستاني ميون ۽ سبزي جي برآمدات کي فروغ ڏيڻ ۽ ڪاروباري موقعا پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ايڪسپورٽر ايوارڊ، گولڊ ميڊل، ايف پي سي سي آءِ بيسٽ ايڪسپورٽ پرفارمنس ايوارڊ، گلوبل فوڊ سيفٽي ايوارڊ، سي اي او ايڪسيلينس ايوارڊ ۽ انوائرمينٽل ايڪسيلينس ايوارڊ. شيخ امتياز حسين کي ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن. شيخ امتياز حسين مختلف قومي ۽ بين الاقوامي ڪاروباري تنظيمن ۾ اهم ذميواريون پڻ نڀائي رهيو آهي. ڊائريڪٽر پاڪستان ملائيشيا بزنس ڪائونسل ۽ روٽري شيخ امتياز حسين، جيڪو انٽرنيشنل ڊسٽرڪٽ 3271 جو اڳوڻو ڊپٽي گورنر رهي چڪو آهي. پنهنجي مقرري جو اظهار ڪندي چيو ته هو هن ذميواري کي نه رڳو هڪ پيشه ورانه اعزاز پر هڪ قومي فرض پڻ سمجهن ٿا، جنهن مطابق پاڪستان ۾ زرعي پيداوار جي لحاظ کان غير معمولي صلاحيتون آهن. پر انهن صلاحيتن کي بهتر سمجهڻ ۽ قابل عمل بڻائڻ جي قابل آهي. عالمي مقابلي، اعليٰ برآمدي آمدني ۽ پائيدار معاشي ترقي. جڏهن ته زرعي شعبي ۾ اصل ضرورت نه رڳو پيداوار وڌائڻ پر عالمي معيارن مطابق زرعي شين کي تيار ڪرڻ، فصل کان پوءِ جي نقصانن کي گهٽائڻ، جديد ڪولڊ چين سسٽم، فوڊ سيفٽي، ويليو ايڊيشن ۽ هڪ قابل اعتماد سپلائي چين قائم ڪرڻ آهي. اهو پڻ ضروري آهي ته يو وڃي. شيخ امتياز حسين زور ڏنو ته پاڪستان جي زرعي شعبي جي ترقي لاءِ جديد ٽيڪنالاجي، انفراسٽرڪچر، خانگي سيڙپڪاري ۽ حڪومت ۽ صنعت جي وچ ۾ اثرائتي تعاون کي فروغ ڏنو وڃي. هن ڏيلي ڪميٽي جي سربراهه محمود نواز شاهه جي اعتماد ۽ سفارش لاءِ شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته هو قومي زرعي تبديلي جي هن اهم پروگرام ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. ماهرن موجب، شيخ امتياز حسين جي هن قومي ڪميٽي ۾ شموليت زرعي برآمدات، ڪاروباري رابطن ۽ خانگي شعبي جي تجربي کي پاليسي سازي ۽ عملي قدمن سان ضم ڪرڻ ۾ مدد ڪندي، جيڪا ملڪ جي زرعي معيشت ۽ برآمداتي شعبي لاءِ هڪ اهم پيش رفت ثابت ٿي سگهي ٿي.

بقايا عوامي سوچ 28

شورو غضنفر علي قادري نومبر پوليو مهم جي پهرين ڏينهن تعلقي مانجهند جي علائقي ڪانوٽ ۾ بنيادي صحت مرڪز (BHU) جو دورو ڪيو. جتي هن پوليو مهم جي سلسلي ۾ جاري سرگرمين ۽ پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر صبح جي بريفنگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ پوليو ٽيمن جي محنت، لگن ۽ خدمتن کي ساراهيندي سندن حوصلا افزائي ڪئي. هن چيو ته پوليو مهم جو بنيادي مقصد هر ٻار کي پوليو جهڙي موذي مرض کان محفوظ بڻائڻ آهي. تنهنڪري سمورين ٽيمون مڪمل ذميواري، محنت ۽ جذبي سان پنهنجون خدمتون جاري رکن. ته جيئن پنجن سالن تائين جي عمر جو ڪو به ٻار پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئڻ کان رهجي نه وڃي. ڊپٽي ڪمشنر هڪ ٻار کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري ۽ سندس آڱر تي نشان لڳائي ضلعي ۾ پوليو مهم جو باقاعده افتتاح پڻ ڪيو. بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر اي پي آءِ سينٽر ۽ بي ايڇ يو ڪانوٽ جو دورو ڪيو. جتي هن فراهم ٿيندڙ طبي سهولتن، عملي جي حاضري ۽ پوليو مهم تحت جاري سرگرمين جو تفصيلي جائزو ورتو. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر مانجهند اسد ڪريم سومرو، تعلقه اسپتال مانجهند جو ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ، مختيارڪار غلام مصطفيٰ شر، ڪميونيڪيشن آفيسر امام بخش مگسي، پوليو ورڪرز ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر ۽ عملو پڻ موجود هئا.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

غلافِ ڪعبه سان منسوب هڪ ناياب ۽ بابرڪت تبرڪ دوستن کي تحفي طور پيش ڪرڻ تي خوشي ۽ مسرت جو اظهار

اي ڊبليو ٽريولز جي مالڪ ارشد مڪي ڀاءُ پاران پيش ڪيل هي مقدس تبرڪ سماجي اڳواڻ وسيم عمر جي ذريعي سندس عزيز دوستن تائين پهچايو ويو

اهو بابرڪت تحفو سماجي اڳواڻ وسيم عمر جي هٿان رمضان چوهان، بابر پانڊي ۽ اعجاز عبدالشڪور کي ڏنو ويو

هنن سماجي اڳواڻ وسيم عمر جا پڻ ٿورا مڃيا، جنهن هي بابرڪت تحفو کين پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار پٽي) غلافِ ڪعبه سان منسوب هڪ ناياب ۽ بابرڪت تبرڪ دوستن کي تحفي طور پيش ڪرڻ تي خوشي ۽ مسرت جو اظهار ڪيو ويو. اي ڊبليو ٽريولز جي مالڪ ارشد مڪي ڀاءُ پاران پيش ڪيل هي مقدس تبرڪ سما/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ٺٽي تعلقي ڪيٽي بندر ڳوٺ پابيون ۾ غريب پورهيت ڏرتي بخش رتو ۽ سندس والد تي قاتلاڻو حملو

غريب پورهيت ڏرتي بخش رتو جي گهر تي رتو برادري جي 10 کان 15 هٿياربند ماڻهن اوچتو حملو ڪري ڏنو

حملا آور گهر ۾ گهڙي ڪري ڏرتي بخش رتو ۽ سندس پوڙهي والد کي لٺين ۽ ڏنڊن سان سخت تشدد جو نشانو بڻائي سخت زخمي ڪري ڇڏيو

جنهن سان ڏرتي بخش رتو جي سر تي گهرا زخم آيا ڳوٺ وارن ٻنهي زخمين کي فوري طور تي ٿاڻي ڪيٽي بندر پوليس ۽ پوءِ مڪلي سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪيو

ڪيٽي بندر، ضلعو ٺٽو گهوڙاٻاري (رپورٽ شاھ خالد) ضلعي ٺٽي جي تعلقي ڪيٽي بندر جي ڳوٺ پابيون جي رهواسي غريب پورهيت ڏرتي بخش رتو جي گهر تي رتو برادري جي 10 کان 15 هٿياربند ماڻهن اوچتو حملو ڪري ڏنو حملا آور /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

اقليتي ميمبر قومي اسيمبلي ۽ اقليتي ڪاڪس جي اڳواڻ نيمل ڪماري گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

فوت ٿيل جسونت ڪمار، ديني اسحاق ڀيهو سميت ٻين ماڻهن جي وارثن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار

ايم اين اي نيمل ڪماري ڏانو ڏانڌل پهچي حادثي ۾ فوت ٿيل جسونت ڪمار جي گهرڀاتين سان ملاقات

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار پٽي) ڏانو ڏانڌل جي پي ايچ آءِ صحت مرڪز ۾ آڪسيجن سلنڊر ڦاٽڻ واري افسوسناڪ واقعي ۾ قيمتي انساني جانيون /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ڪمشنر شهمير خان ڀٽو ڊپٽي ڪمشنر سان گڏ ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پياري پوليو مهم جو افتتاح

ضلعي پوليو ڪنٽرول پروگرام جو فوڪل پرسن ڊاڪٽر وحيد رحماني، ڊبليو ايچ او ڊاڪٽر عالم آزاد ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر موجود هئا

ميرپورخاص، پوليو مهم ۾ پوليو ٽيمون سموري ڊويزن ۾ گهر گهر وڃي پيدائش کان وٺي پنجن سالن تائين جي سڀني ٻارڙن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريندين

پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ٽرانزٽ پوائنٽس، موبائل ٽيمون، ايريا انچارج، يو سي ايم اوز مقرر ڪيا ويا

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ڊويزنل ڪمشنر شهمير خان ڀٽو ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير حسين لغاري سان گڏ ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پياري پوليو مهم جو افتتاح ڪيو. ميرپور خاص، ان موقعي تي ضلعي صحت آفيسر ميرپور /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

انجمنِ حسيني ۽ لشڪرِ حسيني ٺٽو پاران خاتون جنت حضرت بي بي سيدة فاطمه الزهرا جي مظلومانه شهادت جي سلسلي ۾ مجلسِ عزا

جنهن ۾ مومنينِ ڪرام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري بارگاهِ سيد ۾ پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو

مولانا فدا حسين فردوسي حضرت بي بي فاطمه الزهرا جي سيرتِ مبارڪ، فضائل ۽ مناقب سان گڏ سندن مظلومانه مصائب تي روشني وڌي

حضرت سيدة جي پاڪيزه زندگي، صبر، استقامت ۽ حق تي ثابت قدم رهڻ سڄي امت لاءِ مشعلِ راھ آهي

گهوڙاٻاري (رپورٽ شاھ خالد ڏاتاروارو) انجمنِ حسيني ۽ لشڪرِ حسيني ٺٽو پاران دخترِ رسول، خاتون جنت حضرت بي بي سيدة فاطمه الزهرا جي مظلومانه شهادت جي سلسلي ۾ حسيني مسجد سادات، شڪرالاهي محلي ٺٽو ۾ مجلسِ عزا عقيدت ۽ ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

سجاول: صدرِ مملڪت آصف علي زرداري نجي دوري تي محسن هائوس ٺٽو کان سجاول پهچي ويو

سجاول: صدر آصف علي زرداري گذريل رات محسن هائوس ٺٽو ۾ قيام ڪيو، اڄ سجاول پهتو

سجاول: صدر آصف علي زرداري راشدي فارم جي دوري بعد مهراڻ ايگريڪلچر فارم جو دورو ڪندو

صوبائي وزير علي حسن زرداري ۽ پ پ اڳواڻ عاشق حسين زرداري صدر سان گڏ آهن

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول: صدرِ مملڪت آصف علي زرداري نجي دوري تي محسن هائوس ٺٽو کان سجاول پهچي ويو. سجاول: صدر آصف علي زرداري گذريل رات محسن هائوس ٺٽو ۾ قيام ڪيو، اڄ سجاول پهتو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ورشهر واسي عورت مريم ملاح پنهنجي مسئلي جي حل لاءِ ڊي سي آفيس ٺٽو آڏو احتجاجي ڪيمپ قائم

سندس گهر تي مبينا طور ڪجھ ماڻهن طرفان ڪيس ۽ سندس خاندان کي سخت پريشان ڪيو پيو وڃي : مريم ملاح

جنهن سبب هوءَ پنهنجي نوجوان نياڻي ۽ معصوم ٻارن سميت سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهي آهي

سندس گهرواري معاملي ۾ مبينا طور ڪراچي ۽ ٻين علائقن سان تعلق رکندڙ ڪجھ ماڻهن جي مداخلت آهي

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) ورشهر واسي عورت مريم ملاح پنهنجي مسئلي جي حل لاءِ ڊي سي آفيس ٺٽو آڏو احتجاجي ڪيمپ قائم ڪري ڇڏي آهي. مريم ملاح جو چوڻ آهي ته سندس گهر تي مبينا طور ڪجھ ماڻهن طرفان ڪيس ۽ سندس خاندان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7


احتجاج
احتجاج
احتجاج
ضلع ٺٽي ۾ ٿيندڙ نا انصافيون نا منظور
روينيو کاتي ۾ رشوت خوري بند ڪريو
ڊي سي ٺٽو ۽ روينيو عملدارن جي ملي ڀڳت سان زمينن جا ڪوڙا کاتا ناهڻ بند ڪريو
ٺٽي جي ڪوهستان جهمپير جنگشاهي ٺٽو ميرپور ساڪرو جي غريبن جي زمينن جا
ڪوڙا کاتا ناهي ڌارين سان وڪرو ڪرڻ بند ڪريو
ٺٽي جي غريب عوام سان ظلم برداشت نه ڪيو ويندو
پاران مريم ملاح (ور غلام الله)

نئين امير جماعت اسلامي ٺٽو عبدالله آدم گندرو کي پنهنجي عهدي جو حلف ٺٽي ۾ کڻائي کيس پنهنجون ذميواريون سونپيون ويون

هميشه جماعت اسلامي جو عدنه ڪارڪن ٿي ڪم ڪيو آهي، کيس جيڪا ذميواري ڏني وئي آهي

ان کي پڻ بهتر طريقي سان نڀائي تنظيم کي اڃان به وڌيڪ مضبوط ڪري پارٽي جي پيغام کي هر هنڌ پهچايو ويندو

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) جماعت اسلامي ٺٽي جي ٽن سالن لاءِ چونڊيل نئين امير جماعت اسلامي ٺٽو عبدالله آدم گندرو کي پنهنجي عهدي جو حلف ٺٽي ۾ کڻائي کيس پنهنجون ذميواريون سونپيون ويون. ان موقعي تي نئين چونڊيل جماعت اسلامي ٺٽي جي امير عبدالله آدم گندرو چيو ته هو هميشه جماعت اسلامي جو عدنه ڪارڪن ٿي ڪم ڪيو آهي، کيس جيڪا ذميوار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ايوان صحافت پريس ڪلب پاران صحافي جنيد احمد پيرزادي کي باقاعده ميمبرشپ ڏيڻ جو اعلان

ورڪنگ ڪاميٽي جي منظوري ۽ اجازت سان صحافي جنيد احمد پيرزادي کي پريس ڪلب جي باقاعده ميمبرشپ ڏني وئي

ان موقعي تي پريس ڪلب جي قيادت پاران جنيد احمد پيرزادي کي ميمبرشپ ملڻ تي مبارڪباد پيش

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) ايوان صحافت پريس ڪلب پاران صحافي جنيد احمد پيرزادي کي باقاعده ميمبرشپ ڏيڻ جو اعلان ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي ورڪنگ ڪاميٽي جي منظوري ۽ اجازت سان صحافي جنيد احمد پيرزا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ميرپورخاص جي رهواسي نعيم احمد عرف نما پريس ڪانفرنس

منشيات جو ڪم ڪندو هئس، هاڻي منشيات سان ڪو واسطو ناهي

پوليس ۽ سوشل ميڊيا تي الزام لڳائيندڙ مون کي تنگ ڪري رهيا آهن

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ميرپورخاص جي رهواسي نعيم احمد عرف نما پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ماضي ۾ هو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ٻه سال اڳ وياج تي ڏنل 6 ڳاٻن جي عيوض ٻه ڳوٺاڻا گرفتار

ڀوتا پنجابي نالي زميندار تي ڏوکي سان گهران ٻه ڄڻا کڻائي ميرواھ پوليس حوالي ڪرڻ جو الزام

متاثر عورت جي ڀاءُ سميت ايوانِ صحافت ۾ پريس ڪانفرنس، صوبائي وزير سيد ذوالفقار شاھ کان نوٽيس وٺڻ جي اپيل

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ڳوٺ شيرمحمد لاشاري، تعلقي شجاع آباد جي رهواسڻ گلشاد لاشاري پنهنجي ڀاءُ اياز علي سمي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ڊفينس پوليس جي لسٽيڊ گٽڪا ماوا فروش خلاف ڪارروائي، هڪ جوابدار گرفتار

ڊفينس پوليس قيوم آباد واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪندي گٽڪا ماوا فروشي ۾ ملوث هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ پهلوان ولد هستي خان جي نالي سان ٿي آهي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڊفينس پوليس جي لسٽيڊ گٽڪا ماوا فروش خلاف ڪارروائي. هڪ جوابدار گرفتار ڪراچي ايس ايس پي ڊسٽرڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

وڪيل ڪندن مالهي جو سينيٽر وقار مهدي سان ملاقات

پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي سان ملاقات ڪري وڏي وزير کي لکيل خط پيش ڪيو

مٺي (ڊ ـ ر محمد رحيم مگريو) پ پ پ ضلعي ٿرپارڪر جي ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري وڪيل ڪندن مالهي ٿرپارڪر ۾ هن سال معمول کان گ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

گٽڪا ماوا فروش جوابدار گلشن اقبال پوليس هٿان گرفتار

ڊسٽرڪٽ ايسٽ پوليس جي گلشن اقبال پوليس خفيه اطلاع تي ڪارروائي

بن انتهائي مطلوب گٽڪا ماوا فروشن کي گرفتار ڪري ورتو آهي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) گٽڪا ماوا فروش جوابدار گلشن اقبال پوليس هٿان گرفتار ڊسٽرڪٽ ايسٽ پوليس جي گلشن اقبال پوليس خفيه /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ڏانو ڏانڌل واقعي کان پوءِ ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي جي دوري دوران عوام پاران شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا

علائقي جي عوام پاران اسپتال جي خراب صورتحال ۽ صحت جي سهولتن بابت ڪيترائي اهم مسئلا سامهون آندا ويا

مجموعي طور واڌ سميت اسپتال مان مريضن کي وڏي انگ ۾ ٻين اسپتالن ڏانهن ريفر ڪرڻ بابت انيڪ شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا

مٺي (ڊ. ر محمد رحيم مگريو) ڏانو ڏانڌل واقعي کان پوءِ ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي جڏهن مذڪور اسپتال جو دورو ڪيو، علائقي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ڪوٽڙي واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي، دادو پريس ڪلب جو احتجاج

برفت ٻاريجا تڪرار ختم ڪرائڻ لاءِ سنڌ جي باشعور عوام کي ڪردار ادا ڪرڻ جي اپيل

جيئن وڌيڪ انساني جانيون ضايع ٿيڻ ۽ مالي نقصان کان بچي سگهجي ۽ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بحال ٿي سگهي

دادو (رپورٽ محمد رفيق چنه) دادو پريس ڪلب پاران ڪوٽڙي واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائڻ، دلشير برفت جي قتل ۾ ملوث اصل جوابدارن جي گرفتاري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

دادو: جوهي ۾ زرعي پاڻيءَ جي سنگين کوٽ، آبادگارن جو معصوم ٻارڙن سميت ڊي سي ۽ آبپاشي آفيس آڏو احتجاج

بک هڙتال، پهوڙو ۽ پٽوڙو شاخن ۾ پاڻي نه هجڻ سبب هزارين ايڪڙ زمينون بنجر بڻجي ويون

بااثر ماڻهن کي پاڻي ڏيڻ جو الزام، فوري پاڻي فراهم ڪرڻ جو مطالبو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) جوهي تعلقي ۾ زرعي پاڻيءَ جي سخت کوٽ خلاف متاثر پهوڙو ۽ پٽوڙو شاخن جي آبادگارن معصوم ٻارڙن سميت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ازمير ويلفيئر فائونڊيشن پاران رمضان لاسي ڳوٺ چمن ڪالوني ملير ۾ 5هون مفت ميڊيڪل ڪئمپ منعقد

ملير ڪوڪراپار ڪراچي ۾ هڪ عظيم الشان مفت ميڊيڪل ۽ تشخيصي ڪئمپ جو ڪاميابيءَ سان انعقاد ڪيو ويو

ڪئمپ جو بنيادي مقصد علائقي جي رهواسين ۽ مستحق ماڻهن کي سندن ئي در تي معياري ۽ مفت طبي سهولتون فراهم ڪرڻ هو

ڪراچي (رپورٽر) ازمير ويلفيئر فائونڊيشن پاران رمضان لاسي ڳوٺ چمن ڪالوني ملير ۾ 5هون مفت ميڊيڪل ڪئمپ منعقد: 750 کان وڌيڪ مريض/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

بدين ۾ انسدادِ پوليو مهم جي شروعات جي موقعي تي پوليو ويڪسينيشن سينٽرن جا دورا

بدين شهر، تلهار ۽ ٻين مختلف علائقن ۾ قائم پوليو ويڪسينيشن سينٽرن جا دورا ڪري مهم تحت جاري سرگرمين جو جائزو ورتو

پيرُو اسٽيشن اسٽاپ ۽ تعلقه اسپتال تلهار سميت مختلف هنڌن تي قائم فڪسڊ ۽ ٽرانزٽ ويڪسينيشن پوائنٽن جو معائنو ڪيو

پوليو ٽيمن جي موجودگي، ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ واري عمل ۽ مهم دوران فراهم ڪيل سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو

بدين (رجب راهمون) بدين ۾ انسدادِ پوليو مهم جي شروعات جي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر بدين ڊاڪٽر زارا زاهد، ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي سان گڏ بدين شهر، تلهار ۽ ٻين مختلف علائقن ۾ قائم پوليو ويڪسينيشن سينٽر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ناري عليشا راڻهور ۽ ميثم عباس جمالي سان پسند جو پرڻو ڪرڻ بعد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪري تحفظ جي گهر

سال اڳ سنيپ چيٽ جي ذريعي منهنجو رابطو ميثم عباس سان ٿيو جنهن کان پوءِ اسان هڪٻئي کي پسند ڪرڻ لڳاسين

ڪجھ ڏينهن اڳ مان پنهنجي مرضيءَ سان گهران نڪري ميثم عباس جمالي سان لاڙڪاڻي جي عدالت معرفت پسند جو پرڻو ڪيو

جنهن کان پوءِ مظفر چانڊيو، يامين گوپانگ سميت نامعلوم ماڻهن مڙس مٿان منهنجي اغوا جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالستار سيال) ڪراچيءَ جي پپري سنڌي ڳوٺ جي رهواسڻ ناري عليشا راڻهور ساڳي ئي علائقي جي رهواسي نوجوان ميثم عباس جمالي سان پسند جو پرڻو ڪرڻ بعد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪري تحفظ جي گ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

گهر ۾ هٿياربندن جو ڌاڙو، گهرڀاتين کي يرغمال بڻائي لکين رپين جو سون ۽ روڪ رقم ڦر

پوليس پاران ايف آءِ آر داخل نه ڪرڻ جو الزام، متاثر خاندان جو انصاف لاءِ اعليٰ اختيارين کي اپيل

پاتال 2 تولا سون پڻ شامل هو، جڏهن ته هڪ لک رپيا روڪ رقم ۽ ٻيو گهريلو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا

فقيرآباد (رپورٽر عبدالرزاق شر) گهر ۾ هٿياربندن جو ڌاڙو، گهرڀاتين کي يرغمال بڻائي لکين رپين جو سون ۽ روڪ رقم ڦر، پوليس پاران ايف آءِ آر داخل نه /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ڇهوهرامندي اولپر روڊ تي پراڻي نادرا آفيس ويجهو تيز رفتار جمبو موٽرسائيڪل جو موٽر سائيڪل سان ٽڪر

جنهن جي نتيجي ۾ شيروجا واسي پرويز علي ميراڻي ۽ غلام حسين ميربحر سخت زخمي ٿي پيا زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڊاٽسن ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر سبب موٽر سائيڪل سوار اصغر علي پٽ سڪندر علي منگريو ۽ اسد علي ڪوسو زخمي ٿي پيا

چوهارامندي اولپر روڊ ڪيترن ئي مهينن کان ٽٽل آهي پر ضلعي انتظاميا پاران مرمت لاءِ ڪي به اثرائتا قدم ناهن کنيا ويا

روهڙي (رپورٽر) روهڙي جي علائقي ڇهوهرامندي اولپر روڊ تي پراڻي نادرا آفيس ويجهو تيز رفتار جمبو موٽرسائيڪل جو موٽر سائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ شيروجا واسي پرويز علي ميراڻي ۽ غلام حسين ميربحر سخت زخمي ٿي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

بدين ۾ ڪم واري هنڌ عورتن کي هراسان ٿيڻ کان تحفظ بابت آگاهي سيمينار، قانوني حقن بابت آگاهي ڏني وئي

ريجنل آفيس ضلعي بدين پاران پيپلز اسڪول بدين ۾ ڪم واري هنڌ عورتن کي هراسان ٿيڻ کان تحفظ واري قانون بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو

جنهن ۾ پيپلز اسڪول جي فيميل ٽيچرز شاگرديائڻين ۽ ٻي اسٽاف وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سيمينار کي خطاب

ڪم واري هنڌ عورتن کي هراسان ٿيڻ کان تحفظ وارو قانون 2010 ع ۾ پارليامينٽ پاران منظور ڪيو ويو

بدين (رپورٽ رجب راهمون) صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل آفيس ضلعي بدين پاران پيپلز اسڪول بدين ۾ ڪم واري هنڌ عورتن کي هراسان ٿيڻ کان تحفظ واري قانون بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ پيپلز اسڪول جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

PROVINCIAL OMBUDSMAN SINDH
AWARENESS SEMINAR ON ACT IV OF 2010
REGIONAL OFFICE DISTRICT

ڪوٽڙي: انتظاميا جي بي ڌياني سبب روڊ تي گندو پاڻي بيٺل آهي

قومي انسداد پوليو مهم دوران پنجن سالن تائين جي ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو سلسلو جاري

روهڙي (رپورٽ جمال ڪنڀر) سنڌ جي 20 ضلعن ۾ جاري قومي انسداد پوليو مهم دوران پنجن سالن تائين جي ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته مهم کي ڪامياب بڻائڻ ۽ هر ٻار تائين پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پهچائڻ لاءِ ضلعي انتظاميا پاران نگراني جو عمل پڻ تيز ڪيو ويو آهي ان سلسلي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

پير سيد محمد بچل شاھ جيلاني کي پيپلز پارٽي جو ٽڪيٽ ڏيڻ جو مطالبو

درگاھ ٻرب مهر شاھ جي سجاده نشين سينيئر ايڊووڪيٽ پير سيد محمد بچل شاھ جيلاني کي صوبائي اسيمبلي جي ٽڪيٽ ڏني وڃي

پير سيد محمد بچل شاھ جيلاني اتر سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جو هڪ ايماندار، بي داغ، انتهائي مخلص ۽ عوام دوست شخصيت آهي

جنهن جي سموري سياست خدمت، سچائي ۽ عوامي اعتماد جي چوڌاري گردش ڪري ٿي

گمبٽ (رپورٽر) پير سيد محمد بچل شاھ جيلاني کي پيپلز پارٽي جو ٽڪيٽ ڏيڻ جو مطالبو ضلعي خيرپور جي تعلقي ڪنگري ۽ گمبٽ سان تعلق رکندڙ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻن، ڪارڪنن، سياسي ۽ سماجي شخ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

جيم خانه ڪلب خيرپور ۾ سنڌي ادب جي اهم صنف مزاح تي مزاح ڪانفرنس ۽ مشاعرو ٿي گذريو

سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي آڊيٽر مرتضيٰ قل ڏنو 'لطيف جي وائي سالار سنڌي ۽ راشد پريمي پيش ڪئي

هن ڪانفرنس ۾ مزاح ۽ مزاح جي تاريخ تي تحقيقي مقالا خاص مهمان رجب آزاد اسڪالر خاوند ڏنو لاڙڪ 'دريا خان شنباڻي پيش ڪيا

رجب آزاد پنهنجي تحقيقي مضمون ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جي مزاحيا شاعري ڪندڙ شاعرن جي مزاح تي ڪيل ڪم جي تفصيل سندن ڪيل شاعري سان گڏ پيش ڪئي

گمبٽ (رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت ضلع خيرپور ۽ سنڌ ايجوڪيشنل فورم خيرپور جي گڏيل سهڪار سان جيم خانه ڪلب خيرپور ۾ سنڌي ادب جي اهم صنف مزاح تي مزاح ڪانفرنس ۽ مشاعرو تي گذريو' هن مشاعري جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

شيخ امتياز حسين کي نيشنل فروٽ اينڊ ويجيٽيبل ويليو چين سب ڪميٽي جو ميمبر مقرر ڪيو ويو

وزيراعظم شيخ امتياز حسين جي ويزن تحت، پاڪستان برآمدات جي اڳواٽي ۾ زرعي تبديلي ڏانهن وڌي رهيو آهي

جيڪو قومي زرعي ۽ کاڌي جي برآمدات کي تبديل ڪرڻ ۽ فروغ ڏيڻ لاءِ جاري قدمن جو حصو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان حڪومت امتياز انٽرپرائزز جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر شيخ امتياز حسين کي نيشنل فروٽ اينڊ ويجيٽيبل ويليو چين سب ڪميٽي جو ميمبر مقرر ڪيو آهي، جيڪو قومي زرعي ۽ کاڌي جي برآمدات کي تبديل ڪرڻ ۽ فروغ ڏيڻ لاءِ جاري قدمن جو حصو آهي. برآمدي مقابلي کي وڌائڻ، زرعي پيداوار جي اقتصادي قدر کي وڌائڻ ۽ پاڪستان کي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو جو بي ايڇ يو ڪاٺوٽ جو دورو

نومبر پوليو مهم جي پهرين ڏينهن ٽيمن جي ڪارڪردگي جو جائزو

ٻار کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري مهم جو آغاز ڪيو

ڄامشورو (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جو بي ايڇ يو ڪاٺوٽ جو دورو، نومبر پوليو مهم جي پهرين ڏينهن ٽيمن جي ڪارڪردگي جو جائزو، ٻار کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري مهم جو آغاز ڪيو ڊپٽي ڪمشنر ڄام/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28